پرينءَ جي پار

(گيتن جو مجموعو)



ليکڪ : ڪشور ڀوڄا ”جيون“

سال - ١٩٩٩ قيمت : ٢٥ رپيا

پِرينءَ جي پار

(گيتن جو مجموعو)



ليکڪ : ڪشور ڀوڄا ”جيون“

سال - ١٩٩٩ قيمت : ٢٥ رپيا

رويراج پبليڪيشن
1/145، پرتاپ نگر هائونسگ بورڊ ڪالوني،
اُديپور - 001 313

PRIYUN JE PAAR

(COLLECTION OF SONGS)

Poet :

KISHOR PAHUJA "JEEVAN"

Publisher :

RAVIRAJ PUBLICATION

1/145, Pratap Nagar Housing Board Colony,

UDAIPUR-313 001.

Computer Type Setting & Printed by :

MANISH OFFSET,

A/64, Opp. Gol Maidan Sabzi Market,

ULHASNAGAR-421 001.

TEL. : 54 15 70

Year of Publication : Jan. 1999

Price : Rs. 25/-

پرينءَ جي پار

(گيتن جو مجموعو)

راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور جي اِمداد سان ڇپايو ويو آهي.

ان لاءِ مان اڪادميءَ جي اڌڪارين جو آڀاري آهيان.

- ڪشور پهوجا ''جيون''

पिरीअं जे पार

(गीतों का संग्रह)

राजस्थान सिंधी अकादमी, जयपुर के आर्थिक अनुदान से प्रकाशित किया गया है।

अत: मैं अकादमी के अधिकारीयों का हार्दिक आभारी हूं।

- किशोर पहुजा "जीवन"

ليکڪ جي قلم مان.....

شِو-شڪتي :

منهنجو وشواس آهي تہ هن برهمانڊ ۾ ڪا نہ مها شڪتي آهي، جا وِشوَ چڪر کي نيمت روپ سان هلائي رهي آهي. هڪ سال جي چڪر ۾، آڪاش ۾ سوريہ ۽ چندرما نيم سان اُڀرن ۽ لهن ٿا. اونداهي راتين ۾ انيڪ تارا ۽ ستارا ٽمڪن ٿا. ڳرهن جو هن برهمانڊ جي جيو-جنترن، پرٿوي ۽ آڪاس تي پڻ اثر پوندو. چار مندون ٿين ٿيون. پرٿوي ۽ آسمان ۽ ٻين قدرتي چيزن جو روپ بدلجي ٿو. هوائون رُخ ڦيرائين ٿيون. آڪاس مان پاڻي ٽِمڪي ٿو. ڪڏهن وسڪارا تہ ڪڏهن مُوسلاڌار بارش، ڪٿي سوڪ تہ ڪٿي ٻوڏ ! قدرت پنهنجا ڪرشما ڏيکاري انسان کي حيرت ۾ وجهي ٿي ڇڏي. ويدن ان مهاشڪتيءَ کي 'شِو-شڪتي' نالو ڏنو آهي.

چار يُگ :

شروعاتي دوُر کي 'ست يگ' جو نالو ڏنو ويو. ان يُگ ۾ ڪا ڪمي نہ هئي. ڪوُڙ پاپ ڪونہ هو. اهو يُگ سداچار جو يُگ هو. بعد ۾ ان ۾ ڪجھہ موھ، اهنڪار پيدا ٿيو تہ ڪوڙ ڪپٽ ۽ بغض کي جاءِ ملي. ان کي ''تريتا-يُگ'' ڪوٺيو ويو. جڏهن اڃا بہ سوارٿ وڌڻ لڳو، ظلم ۽ اتياچار ٿيڻ لڳو تہ ان

☆ فهرست ☆



سنڌي جاتي :

سنڌي جاتيءَ تي انهن سڀني سَروَ شڪتين ۽ اوتارن جو اثر آهي. هوُ ڪنهن به هڪ مت جا پوُلڳه نه آهن. نه صرف ديوي ديوتائن کي مڃين ٿا پر سڀني اوُتارن جي پوڄا ڪن ٿا. سڀني سنتن، جن به ساڌنا ڪئي آهي تن، کي پڻ گرُ ٻڌُ ڍيئي، پنهنجو سيس جهڪائين ٿا. مثائن صوفي سنتن جو پاڻ ڏيک اثر آهي. اُنهن بابت جيون ڪٿائون، شبد، ڀڄن، گيت غيره چت سان ٻڌندا ۽ هنڊائيندا آهن، ڌرمي آستانن، سندرن ۽ گردوارن ۾ وڃي سندن جيون ڪٿائون شوق سان ٻڌندا هن ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي زالن جا ستسنگ پڻ چالو آهن، ورهاڱي بعد ته امرلعل-جهولڻ جي پوڄا وڌندي پيئي وڃي.

پنهنجو ڪويتا ڪيتر ۾ پستڪ :

مون به جڏهن ساڌ-سنگت ۾ اچڻ وڃڻ شروع ڪيو ته ڌرمي خيالن ۽ ويچارن کي پنهنجي سنڌي سرل ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. گذريل ڇئن-پنجن سالن کان مون صرف غزل لکيا آهن، پر وقت به وقت دوها-سورٺا، چوُپايون گيت-ڀڄن پڻ لکندو پيو اچان. ١٩٩٦ ۾ ''جيون-جوت'' مجموعي ۾ مون فقط غزل ئي شايع ڪرائي پاڪن اڳيان رکيا ٿا، جن بابت ڪافي اديبن ۽ شاعرن وٽان همت افزائيءَ ڀريا پر مونکي پهتا هئا. نموني طور دوها-سورٺا، قطع، ڪه سٺا ۽ جڪڙا پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي ۾ پڻ ڏنا هئا. اُنهن

کي ''دواپر-يُگ'' ڪوليو ويو. مگر هاڻ ڪئي سالن کان ''ڪل-يُگ'' هلي رهيو آهي.

ڦرندڙ چڪر :

مطلب زماني جو چڪر ڦرندو ٿي رهي ٿو. پاپ ۽ پن ساڻ ساڻ هلندا رهن ٿا. پاپين کي، اَسرن، راڻوڻ، ڪنس ۽ دئتي شڪتين سان ييٽ ڪري اُنهن جي نندا ڪئي وڃي ٿي ۽ سداچارين کي رام، ڪرشن، رشين، منين، مهاتمائن گوتم، مهاوير ۽ ٻين مهاتمائن سان ييٽ ڏيئي گڻ-گان ڪيو وڃي ٿو!

ڌرمي پوڄا :

هزارين ورهيه گذري ويا آهن، انسان پنهنجي حفاظت ۽ سکه لاءِ ڪي نه ڪي سهارا پئي ڳولهيا آهن. اوائلي زماني ۾ سوريه، چندرما، ديوي ديوتائن، نانگن وغيره جي پوڄا ڪئي ويئي آهي. بعد ۾ شِو-شڪتيءَ کي نرگڻ روپ ۾ پوڄيو ويو آهي. سگڻ روپ ۾ برهما، وشنو، مهيش جي پوڄا ڪئي ويئي. ديوي ديوتائن، ڪالي ماتا، درگا ماتا، امبي ماتا، لڪشمي ماتا، سرسوتي ماتا ۽ گڻيش ديوتا کانسواءِ رام، ڪرشن، پون پُتر هنومان وغيره کي اوتارن جي روپ ۾ مانيتا ملي، ۽ هاڻي ڪلجگ ۾ مهاوير، ٻڌ، گرونانڪ ديو وغيره مت-ڌارين کي پڻ مڃيو پيو وڃي.

دوها سورٺا

١- سائين پنهنجي پيار جو، پيالو ڏيمر ڀري،
چت جو چاڙهه ٿري، دکڙا سيئي دور ٿين.

٢- سائين پنهنجي مهر جو، مونتي مينهن وساءِ،
پنهنجي هڏن هلاءِ، محتاج رهان نا ڪنهنجو.

٣- ڪام، ڪروڌ ۽ موهه، آهه وڃائي چار،
چار ڪلي ڪرِ ٻارِ، ڀوَ ساگر مان پارِ ٿي.

٤- اهمر وڃايو هوش آ، منهنجي وسِ من ناهِ،
سچ جي ٻڌاءِ راهه، ستگر واهر ڪرِ اچي،

٥- چمڪ دمڪ جڳ موهيو، لڳي لو پيارو ڀوڳ،
آهه وڌايو روڳ، ڪام ڪُسنگين وس ڪيو،

٦- وهم واسنا جي جڪڙ، ڀڄڻي ڪيڏي آهِ،
ڀِڄڻ ڪي شڪه ناهه، ستگر هل سهائي لئي،

٧- ٻن چاهن جي لي وڏي، وهم وڪارن زورُ،
مايا موهه جي ڏور ''جيون'' ڪڍڻ آ مشڪل،

بابت بہ ڪن برڪ شاعرن وٽان اُتساهہ ڀريا رايا مليا هئا.

ٻال ساهت کي يوگدان :

١٩٩٥ ۾ مون ٻال ساهت جي يوگدان لاءِ ''سچ جي جئہ'' پستڪ پيش ڪيو هو، جنهن ۾ مهاڀارت جي ڪٿا کي چوپاين ۾ سرل ۽ سولي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو هو ۽ ١٩٩٧ ۾ ''ايوڌيا ڪانڊ'' پڻ سائي خيال کان چوپاين ۾ پيش ڪيو، جيئن نئين ٽهيءَ کي ڌرمي ڪتابن سان لڳاءُ ٿئي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پڻ چاهہ وڌي. انهن ٻنهي ڪتابن کي اسڪولن ۾ ٻارن کي پڙهايو وڃي تہ وڌيڪ لاڀدائڪ ٿيندو ۽ منهنجي محنت پڻ سڦل ٿيندي.

هن سال مان اديبن، پاٺڪن ۽ سڄڻن اڳيان، دوها-سورٺا، قطع، تہ-سٽا، چوپايون ۽ ڪجهہ ڀڄن پيش ڪري رهيو آهيان. مونکي پوري اُميد آهي تہ اهي توهان کي ضرور پسند پوندا ۽ پنهنجا رايا اُدارتا سان جلد موڪليندا تہ شڪرگذار رهندس.

شيوا ۾،
ڪشور ڀوجا ''جيون''

پتو : ١٢٥/١،
پرتاپ نگر هائوسنگ ڪالوني،
اُديپور (راجستان)- ٣١٣٠٠١.

١٥- ڀاڳُ رکي جو من ۾ ، ڇپ جو تلڪ لڳائي ،
آهه اصل ۾ حيوان ، پرَ ديوتا سڏائي !

١٦- ڪامُ وَسي لوڦنَ ۾ ، جوڳي جوڳہ پچائي ،
ڏرم جي ناليِ ۾ پيو ، ڪرم ڪُڏا ڦهلائي !

١٧- ڪُتن جيان ڀِڄُ لوڏن ، ڪيئي لوڳي لوڀي ،
ڀال ڀڏائڻ لئہ ڏِسُ ، پالِن ڪيڏا پاپي !

١٨- اوڇو سڀ کان درجو ، جڳ ۾ ماتا جو آ ،
ڪين قدر پرَ سمجهن ، ويچاري هِنَ جڳہ جا !

١٩- واتُ ڀگهڙ جيئن کولي ، ويٺلو شڪاري آهي ،
لوُمڙ ڀڄي نہ ويندا ، خير ڀين جو ناهي !

٢٠- ڪرسي خاطر جڳہ ۾ ، ڪرم ڪُڏا پيا ڏسجن ،
نهو اِهو وڏو آ ، ڪم ڀاڳل جهڙا ڪن !

٢١- ڪيئن ڪري ڪو پوڄا ؟ مندر ۾ بند ڀڳوان !
بن ڏڪنا پوڄاري ، ڪين ڪرائي درشن !!

٢٢- نانو ڀليان پيو جڳہ مري ، وقت ڇڏي ميساري ،
”جيون“ نام سچي کي ، موُرکہ ڇڏن وِساري !

۸- چورُ هنجي يا چاڪي، پنهنجو مطلب ڪهڙو ؟
شرڻ منهنجي جو آچي، تنهنکي پاپان پاڪي !

۹- لُلي پيو ڪولي عصمت، پنهنجو مطلب ڪهڙو ،
مان نہ غلط آن اُنجو، رکي جو منهنجي عزت !

۱۰- مان جاهاني جادو، ديس سان مطلب ڪهڙو ؟
کيل تماشو پيشو، سڀ کي ڪَريان قابوُ !

۱۱- منهنجو نالو مداري، چرفت سان ڪَماپان ،
مورکہ سهکي بڻاپان، عقل ڪَسي ڪيان پالهو !

۱۲- سياسي بندر آهيان، رولي ڪانوان سٺيي ،
سڪا لڪر ڏيان سهکي، مورکہ منش وڙهايان !

۱۳- مفلس ڏکئي لِکئي جي، ڀاري پوي مهانگي ،
خوش حالي مان آهيان، زردار ڏني پشتي !

۱۴- چمچاگيري پڻ ڪَرُ ، لئي ڪين لو ڪنهنجو ،
آڪڙ ڇڏ تون ''جيون''، جب چاپ غلط پي فر !

٢١- موچ لو مالڪ چاهي ، چاهه نه گهلجي پوڳي ،
زَرُ ۽ چاهت کپي ٿي ، عمر رهي پل روڳي !

٢٢- تلڪ لڳائي مستڪ ، ساڌ سڏائن ڪيئي ،
پيٽ جي پوڄا خاطر ، گيڙو پائن ڪيئي !

٢٣- گرُ پڏ پالڪ چاهن ، ڪيئي سانگ رچائن ،
ڇانگ رکن چيلن جي ، پالڪ کي خوب پڏائن !

٢٤- سُر ، لئه، تال نه ساڃي ، راڳ نه راڳي جاڻي،
واهه، واهه، جي ٻڪ جنهنکي، جلن جي محفل چاهي!

٢٥- حسن لو پڙدو چاهي ، ڪوجهو خوب سينگاري ،
سيرت جنهنکي ناهي ، ڪنهن کي ڪين لُڀائي !

٢٦- بنِ پيلا جي درشن ، پريو ڏکيو مِليئو ،
ڏنَ جو لوڀُ پڄاري ، تون پڻ آهين اُنجو !

٢٧- شُڪر کان وَڌِ هِتِ ڏُکر آ ، ڪهڙو چئي ڪهڙو چوان ؟
قلم کي طاقت ناهي ، ڪٿي پڻ ڪاله زبان !

٢٨- پکون ٽنهنجي مايا ، شب جو مَنُ هِرڪائي ،
''جيون'' کي ڏي شڪتي ، تو ۾ ڌيان لڳائي !

٢٣- سمجهہ کان ٻاهر مُنهنجي ، ڀڳون تُنهنجي مايا ،
نرڱنُ ڀانءِ رهين ٿو ، سڳنُ روپ ۾ ڇايا ؛

٢۴- گُلن جا رنگہ نرالا ، خوشبو ڀِنِ ۾ پنهنجي ،
روپ نِرالو سڀَ جو ، سُگندهہ سهن ۾ تُنهنجي !

٢٥- وَلن جون لامون جهومن ، هوا جو جهونڪو ڀالي ،
ڇيڇ وِچهن ٿر ناريون ، ڏار ۾ جهولو جهولي !

٢٦- ڀاڱ نرالا ڏسجن ، سڀَ جي چال نرالي ،
ڪِرتِ ڪري ٿو سالي ، جنهنکي وڻيلو جيڪي ؛

٢٧- پنڊت پڙهي پل پوليون ، گيان ملي نا جوڻي ،
جيسين مَنُ آ چنچل ، ڪيئن مِلي پوءِ مُکتي ؛

٢٨- ڦولُ ڀلو هڪ شرڌا ، پسند ڀوي ڀڳوان ٿو ،
جنهن وٽ نوڙت جيڏي ، اوڏو رهيڻو ويجهو ؛

٢٩- جوڳي ڀڄي ڀوڳي ، مايا موڙهہ لڳالي ،
ڀوڄا ڪيڻن رنگہ ڏالي ، جيسين موهہ نہ تياڳي ؟!

٣٠- ميلا لڳن لا ڪيڻي ، منش وَڃي ٿو ڀلڪي ،
مايا رَچي تماشو ، سُڌ ٻڌ ڪسي وَلي لي !

۴۷- وسيع آهن دائرا ، منش پنهنجي کان ٻاهر ،
ڏس ۾ هڪ جي لئي ، پرواز لين ٿا پيا.

۴۸- جڳ ۾ جاهل پيا وَڌن ، سنت رهن نرليپ ،
جاهل ماڻن راڄُ ، عاقل ٿا دَر دَرِ پنن !

۴۹- ڪانون جي محفل لڳي ، هنسن پاسو ڪيو ،
بي-سُرُ گونجي تارَ ، ڪوئل ڀَرَ پائي ويٺي !

۵۰- شوق لڳائي آڳہ دِلِ ، ڪُوڙ ٻٽيو سينگارُ ،
ڪوجهو سهڻو لڳي ، مات ڪري نقلي اَصُل ،

۵۱- باغن ۾ اڄ گُل ڪِٿي ؟ ڪين رهي سُرهاڻ ،
سُرهاڻ ئي پڻ حق ، زردار جو اَڄُ رهي !

۵۲- قانون ڪري ننڍ ٿو ، وڌندو رهي گناهه ،
پڪڙجن بي گناهه ، هلندو رهي سِلسِلو !

۵۳- عورت هٺي اَڄ دَمُ ئي ، حق هِڪجهڙو ڪپي !
مرد ڪلي ٿو ''جيون'' ٻٽڙي عوُرت جي ٻڌي.

۵۴- ٿو نہ سڄڻ قرب مان ، مالڪ موتي ها ڀليا ،
ٻِنِ ڪي جاڳي ڪَنڪَر، مون شهٺن هارن ڦليا !

۳۹- ڪين وهاءِ ڪُهاڙي ، وَڻ ڇا آهِ بگاڙيو ؟
پکي جناور ڪيڏو ، شڪر ڌا ڪڍن ڏهاڙي !

۴۰- عيب نہ پنهنجا تو ڏسين ، ويکون ڪڍين ٻين مان،
عيب ڍَڪين تو پنهنجا ، عيب ٻين جا ڳولهين !

۴۱- سُوارٿ مَنَ ۾ ڌاري ، سانگہ رچائين ڪيڏا ؟
جهول ۾ جَسُ ڪيئن ملندو ، من ۾ آهہ ويهاري !

۴۲- نانءَ جي ٻُڪہ من ۾ رکي ، ڪرم ڪري جو جڳہ ۾ ،
پيٽ نہ اُنجو ڀرجي ، شڪہ هوندي رهي ڏُکي !

۴۳- گيڙو ڪپڙا پائي ، سَنتُ نہ بڻجي ڪوئي ،
گووند مِلي نہ ڪنهنکي ، چندن تلڪ لڳائي !

۴۴- لڪشمي آهي مايا ، چوُکنيو ڦاسائي ،
لوڀ-موه جن جي مَن ، مُڪتي ملي نہ ڪايا !

۴۵- اَهہ اَنڌيري کاهي ، منش تو اَهڙو ڦاسي ،
هلي نہ وَسُ اُت ڪنهنجو ، ڪيرُ نہ سنگي سائي !

۴٦- چاهت ڪر چگن جي ، چت ۾ جن کي آ لڳل ،
"جيون" سڦلو آ جنم ، جت ڪٿ جاءِ اُنهن جي !

٦٣- پيريءَ ۾ پڇتايان ، وقت نہ ايندو موٽي ،
ڪرمي ڪَبرڙي ڪوڙي ، ڪيئن ليندي سا سٽيون ؟

٦٤- پڳون ڪر تون ڪريا ، ڏس نہ منهنجن عيبن ،
سيسُ نوايان چرڻن ، وڃان نہ موٽي خالي.

٦٥- چولو مُنهنجو چڪ ۾ ، عيبن هاڻو آهي ،
ستگر اولا اهي ، بخش منڌايون سائين !

٦٦- سائين تنهنجي دَرَ تي ، آيس آس کڻي مان ،
لورا ڪين وِساريان ، پار اُڪارج پاتڻي !

٦٧- پار اُڪارج پاتِڻي ، نيلن جو آڌار تون ،
ٻاجهہ ڪري پنهنجي هٿون ، ڀليل راهہ ڏيکارج.

٦٨- معاف منڌايون ڪَرِ تُون ، ستگر ”جيون“ وينتي ،
جهوليءَ ۾ ڏي ڀڳتي ، چرڻن پنهنجي جاءِ ڏي !

٦٩- مونهن ڪيڏا عيب ، تون آن اُجلو هر طرح ،
ڪين سٽاوا مون ڳرهہ ، ڀِنا پنهل جي ٻاجهہ ،

٧٠- منهنجي جيون-ڏور ، سائين تُنهنجي هٿِ آهِ ،
ٻالڪ اُجي ڏُکڙا اهِ ، مالڪ ڪَرِ ڪا مهرَ !

٥٥- تو نہ ڪيو آڳاٽ ، ڪاهي اُڀيان هٽي وڃي ،
پر جوڀن جي لئي ، ٻڌِ ٻڌ ڪوهي ورتي !

٥٦- تون نہ لڀي پٺين ٻاهہ ، ڳهوريہ پنهنجي جندڙي ،
اُٺ ليو نہ ڪنهنتي ، جاڳي اُجا نہ سنڌڙي !

٥٧- تو نہ آڳر ڀڪڙي ، هو صحيح ڏيکاريو ڳسُ ،
منزل مشڪل ڏسي ، ٿهلجي ويو اُن دم ساهسُ !

٥٨- اُجا ڪچي آ پريت ، ڇڏ نہ پڇي پل لڳي راسِ ،
تيسين خوشبوءِ سانڍ ، ڦبڪي ۾ رکہ پل واسُ !

٥٩- پيٽ لڪر لئہ جهول ، مورکہ ڇا لئہ پيو ڦهلائين ؟
دامن محنت ڇڏي ، مورکہ عزت گنوائين !

٦٠- سوچي ڪَرِ تو ٻارُ ، ميتُ نہ ڪوئي ڇِت سچو ،
”جيون“ ليءِ سڄاڳہ ، ٻار تون ٻولو پنهنجو.

٦١- ڪورينڙي جِيان مون ، پالهي ناهي ڦاهي ،
ڪين ڏِلي مون ڪاهي ، مايا-موهہ ڦاٿو ،

٦٢- مايا-موهہ ڦاٿيو ، عمر گنوائي ساري ،
سمجهہ تڏهن مون آئي ، جڏهن پهتس ٻيري !

٧٩- چاتڪ چاهِ چنڊ جي ، ساڳي چاهت منهنجي ،
بن پالي جيئن سڄلي، تڙپي تو بن هي مَنُ !

٨٠- جيئن ڪناري سان رکن ، پريت سامونڊي لهرون ،
بن تو سڄڻا سڀئيون ، ''جيون'' گذرن راتيون.

٨١- پڙدو هٽاءِ بيائي ، پسُ پرين کي تون سڄڻ ،
ديدار هيڪڙائي ، جت ڪٿ ٿئي سڄڻ جو ؛

٨٢- چا لئہ رنج رسائين ، ڏکن ڏاڍا جي آڳئي ،
ڙُلندن کي روائين ، پالهي آهينُ وڏائين ؛

٨٣- پولڻيون پڙهنديون ڪيترئيون، دل سان ڪين هنڊائين،
سڪڻيون سڏون آجايون ، ملڙا سوچي ڏس تون ؛

٨٤- مالها جي مڻڪن کي ، ڦيرڻ مان چا ملندو ؟
بنا سچي شرڌا جي ، راضي ڏڻي نہ ٿيندو !

٨٥- زُج کي سمجهي پاڻي ، اُڃ اجهائڻ چاهين ،
ملي نہ پولين واڻي ، باجهہ ٿُمرين مُنهن کهڙي ؟

٨٦- روپ اِلاهي ''جيون'' ڪيون پاڻ رچائيا ،
منش عقل ڦلائيا ، ڪيڏ پيو ڪيڏي پالهي.

۷۱- جڳ جي مايا-موهه ، آهه وِرايو پڻ لوڀَ ،
سهن وِڪارن تي سوڀَ ، پايان ڪيئن ڏس ريت ؟

۷۲- وئڙت ساري عُمر ، مون ڪاٽي پاپن منجهه ،
سائين مونکي ڏي سمجهه ، ڏاتر ڏڏ سنپار.

۷۳- رشتا ناتا ڪوڙ ، هلي نه ڪوئي ڪنهن سنگ ،
ٽکو موهه جو آ رنگ ، پاڻ اچي ملاءِ.

۷۴- گووند مايا جار ، جيوَ ڪي جڪڙيو ڇا لاءِ ؟
ڪا مُڪتي راهه ٻڌاءِ ، ڪري ٿو ”جيون“ عرض.

۷۵- ڄاڃهه تنهنجي سچنا ، ٿي ڪپي مون ڪدائين ،
سُهنلَ مينهن وسائين ، شال پنهنجي مهر جو ،

۷۶- جانب ڪين جُدا ڪر ، هڪ پل پڻ ڪين سري ،
منڙو منلارَ ٿري ، دلبر ڏي ديدار تون ،

۷۷- گهوريان جندڙي توتان ، قرب پاڻهي ڪرِ اچي ،
ڪين مونکي ڪر لڄي ، يارَ نباهه ياري ،

۷۸- بي مزي آ زندگي ، آءِ، اچي ڪر رهاليون ،
راتيون ڀسيوُن ڪاريون ، روشن ڪرتون نوُرءِ سان.

٩٥- ٻولي سڀ کي پنهنجي ، ڪيڏي آهي پياري ،
لڳي مِلي پڻ ڏرتي ، ساهه سان سڀڪو سانڍي.

٩٦- پِنهنجي ٻوليءِ نه مونکي ، آنءَ ٻکي هٿ ڌاريو ،
پنهنجن ڪيو پرائو ، ڏوهه ڏيان مان ڪنهنکي ؟

٩٧- سانڍي رکي ساهه سان ، ياد وَطَنَ جي آهه مون،
ڪيئن وِساريان ڳالهيون ، جيجل ملڙيون تنهنجون !

٩٨- صبوح سويلي گونجي ، مڌر ملي لِنِ لِن ڏُن ،
اُڌري منهنجو منڙو "جيون" پنهنجي وطن !

٩٩- چنتا رکو نه چِتَ ۾ ، ڪوڙو آهِ جڳت هيءَ ،
جڳت- مايا موهه ڇڏ ، نام جو امرت رَسُ پيءَ.

١٠٠- ڪام ڪروڌ کي تياڳي ، نام سان رِکُ مَنَ پريتي ،
ڪوُڙ ڪَپٽ کي تياڳي ، راهه پڪڙ سچڻ سچي !

١٠١- ڪين اُچي تو ڪوئي ، ڪري مَدد تو ڪنهنکي ،
راهه ڪنڊن جو هرڪو ، تو پاڻهي پار ڪري ؛

١٠٢- پاپ ڪرم جو ڀاڳي ، ڪير نه آهي جڳ ۾ ؟
ڪرمن جو ڦلُ سڀ کي ، پاڻ ڀوڳڻو آهي.

٨٧- ڏسُ پُڇيم پيرن کان ، محبوب مِلندو ڪٿي ؟
ياڙُ ملندو پڪ اُتي ، جت سِڪَ جو سَوُدو لئي ؛

٨٨- ناحق پٿرن پوڄين ، ڪين ملي بِنِ شرڌا ،
جَڏ تون گورکہ ڌنڌا ، پالهي ملندءِ ڏلي.

٨٩- سَچُ ۾ دلبر ديرو ، ڀيائي ڪنهن سان ڪرين ؟
سَنگہ نہ اُهہ جو ڇڏين ، وَصل ڪهڙي ريت لئي ؟

٩٠- گوڪل يا بندرابن ، چاهي ڪاشي نگري ،
سَهنجي پل ڏسُ ڀلڪي ، ولرت سڀ بِن شرڌا.

٩١- تيرٿ تَپُ، تَنَ تپسا ، روزا حجن نمازون ،
ثابُ تڏهن ئي ٿيندئون ، ويسهہ پورن جي هجي.

٩٢- ڳولهہ پلي تو ڳولهہ ڙي ، ساري عمر پل تون ڳولهہ ،
ڪِڙڪي مَنَ جي ڪولِ ، ”جيون“ جهت ملي سڄڻ.

٩٣- قادر جي قدرت جو ، جڳت آهي ڪَرِشمو ،
نوُر اِلاهي مون ڏِٺو ، اُهہ سڀن ۾ ساڳيو ؛

٩٤- رَنگہ گُلن جو اُهڙو ، مايڪُ سگهي نہ لاهي ،
موهڪ خوشبو آهي، ڪيڏي عجب نرالي !

۱۱۱- ٻڌجي ڪيئن گلزار ، خوشي ملي پريوار کي ،
اُپهانت لڳي نارِ ، جنهن گهر ۾ رور ٻٽي ،

۱۱۲- ڪر نہ وَڏِ بيزار ، مولعو بغاوت جو نہ ڏي ،
پنهنجي هلت سُڌار ، جي تون چاهين جڳ ڀلو ،

۱۱۳- حَقُ نہ غريب جو مار ، آهڙو رک وهنوار تون ،
سڀ جو ڪر واپار ، ٿيوَ رکہ ڪجهہ داتار جو ،

۱۱۴- ڪاهل ڪر نہ اَوير ، ويل وِهامي آ رهي ،
صبوح سانجهہ سوير ، ڪاهي هل تون ماڳ ڏي.

۱۱۵- ساري ساري رات ، جاڳي جن ڏيايو ڏڪي ،
سائين کي پڻ تات ، ڪيئن نہ مِلندو هوت تِنِ.

۱۱۶- جنجو هڪڙو ماڳ ، تاتِ نہ مَنَ ۾ ٻي ڪا رَکن ،
ڀلو تن جو ڀاڳُ ، پاڻَ اَچي سپرين ڪري ؛

۱۱۷- پنهنجي ڪين هلاءِ ، نرميءَ جي وَٽُ راهہ تون ،
سَڀَ جي ٻڌجي راءِ ، مشڪل پونديءِ ڪين ڪي ؛

۱۱۸- وَڏو نہ پاڻ سڏاءِ ، توڪان پڻ آهن وڏا ،
نوڙي ڪنڌ جهڪاءِ ، جهولڻ سائين جي اڳيان ؛

اُهو جو جيسين پڙدو ، پري نہ مَنَ تان ٿيندو ،
درشن پرم آتما ، سچ نہ ڪنهنکي ملندو ؛

١٠٤- ڪين مِلي اُٿو رُٺو ، ٻلڪي جِتِ ڪٿ مَنَ جو ؟
ڪلرالي ڌرتيءَ ۾ ، اُپري ڪين ٿو ٻوٽو !

١٠٥- ڪرين ياترا ڪاشي ، گوڪل يا بندرابن ،
ڪين ملي ڪِتِ ، ڀڳون ، ڏس ٿولهي پنهنجو مَنُ !

١٠٦- موهہ جي چاتَ ڇَلي جن ، مايا ڏنڊ ڇڙهي ٿو ،
جنم مرڻ جي چڪرن ، ''جيون'' ڪين ڇُٽي ٿو !

١٠٧- ڀريل رهن ڀنڊار ، گهرجائوءَ کي ڪين ڏين ؛
سڪتا ڪَنِ اقرار ، روز ٿا ڪوڙا ڏيهہَ سان !

١٠٨- روزِ لڳي دربار ، اِنصاف مِلي پرَ ڪٿي ؟
مِلي نہ من کي قرار ، سڪتا دلاسا جي مِلن ؛

١٠٩- ميهرَ ڏي ديدارُ ، دير نہ ڪَرِ هاڻي گهڻي ،
وِجهہ ڪو مَنَ تي ٺارُ ، بِرهہ جلايو جيءَ کي ؛

١١٠- هيءُ کهڙو سنسار ، سڪہ بدلي جت پيو ملي ،
جنتا کي آزار ، لِپَ لِپَ تي هن راڄ ۾ ؛

١٢٧- جنم ڏنو جنهن آ ڏاڍي ، تنهنجي ياد ۾ گهارِ ،
خلق جي خدمت سان ڪَرِ ، سڦل جنم ساڪار ؛

١٢٨- لاهِ پلي تون لاهه ڙي ، ڪيڏا ڪَرِ ويچار ،
واڳ ڏاڍيءَ جي آهه وَسِ ، ڪُجهه نه بندي اَختيار ؛

١٢٩- دُشمن دِلِ ۾ دوڙ آ ، آهِ وِڇائي جار ،
''جيون'' خطري کان نه ڊڄ ، واڙ کي ڪَرِ بيڪار ،

١٣٠- دلبر پنهنجي جي پڌان ، هنڌين ماڳين هاڪَ ،
بهشت کان ڀلي آهِ ، وَڏِ ''جيون'' پيرن خاڪ.

١٣١- جَمڻي جام. نه ڪو لئي، ڪنهن ڪنهن منجهه مٺيان،
سنت نه ڏسجن پيا گهڻا، دَرُ مان ڪنهنجو جهليان ؟

١٣٢- لِنگَ لي لوهي هرَ مَلي، سڀڪو سَڏائي شيرُ ،
وڙهندي ڪري نه دير، سڪڻي اُپامي ڦي گهڻو ؛

١٣٣- چَٽ چَٽ جي عادت بري، ڦَل نه لڳي ڪنهن ڇڪو،
لڳندو رهيس ڦلڪو ، نه به مڙندو هو ڪين ڪي ؛

١٣٤- چنچل جوڀن جوش ، قبضي رهڻ آ مشڪل ،
عقل هلي نه اَڪل ، مُحبت موج مچائي !

١١٩- اوڏو اڇي نہ موٽ ، ڪانُ ٿو جنجي مَنِ وَسي ،
مهر ڪري جي موٽُ ، ٻڏندڙ ٻيڙا پار پَون ،

١٢٠- ڇَڏِ تون ڪوڙو شانُ ، نِمي کِمي تون نينهن رک ،
پڪو ڪر ايمانُ ، پاڻهي ملندءِ موت ڙي ،

١٢١- سَڀ سان رکہ تون پيار ، ڪوڙ ڪپٽ کي ڏي ڇڏي،
"جيون" لهندءِ سارَ ، ساهہ ڏنو جنهن جيءَ.

١٢٢- پار پوي سو منش ٿو ، سڄ جو رکي جو گيانُ ،
پانڌُ بچائڄ پاپ کان ، جگهہ نہ ڏي اَيمان !

١٢٣- سَڄڻ نہ ڪوئي آ هِتِ ، ڪوئي نہ لهندءِ سارَ ،
ميت سچو مشڪل مِلڻ ، ڪنهن ڏي ڪين نِهارِ.

١٢٤- ڏلي نہ توسان سانَ آ ، ناهہ ڪڏهن ٻي ڏار ،
من ۾ پنهنجي گهوله تون ، اُتِ ئي سرجڻهار.

١٢٥- مَنَ ۾ رَکُ تون مَٿل نا ، کَرِ نہ ٻرو وَهنوارُ ،
سڀ ۾ سائين ٿو وسي ، شيخي ڪين ڏيکار ،

١٢٦- سائين جي جنسار جو ، ڪوئي اَنت نہ پارُ ،
بندي جي وَسِ ڪجهہ نہ آ ، جالي جاڻڻهار.

١٤٣- جڳ جي ڪوڙي پريت ، ڇڏِ سڀُ مايا موھ کي ،
پارسُ پريو ڇڏي، "جيون" پڪڙ نہ لوھ کي !

١٤٤- سهان صبر سان ڪشٽ ، مالڪ مونکي ھڪتي ڏي ،
راضي سڀ ۾ رھان ، سائين جيڪي ڏي مونکي ،

١٤٥- من کي ڪيي تو پوڳ ، گھيريو اُنکي واسنا ،
سهڪي ملي تڏھن بہ ، ملي نہ من جي ترشنا ؛

١٤٦- من کي ڪيي لي موج ، شمرن ۾ چت نا لڳي ،
وَسَ ۾ مشڪل اچي ، پاڻ کي پاڻهي پيو لڳي.

١٤٧- ڪيئي مونہ عيب ، پوتر ڪيئن لئي زندگي ،
مالڪ ڏس ڪا راھ ، ملي وچي سڀ گندگي ؛

١٤٨- اھر پلائي راھ ، مڇي نہ ڪنهنجي بات مَنُ ،
پنهني وِھ پيو ھلي ، ستگر سان ڪيئن لئي ملن ؟

١٤٩- سچڪند کي آتما ، مَن وَس پلجي آ وَئي ،
ڪَرِ لون شمرن پڄن ، پرماتما ملئہ وري ؛

١٥٠- مَنَ مُنهنجا ڪجھہ سوچ ، وِشيہ وڪارن رَھ پري ،
ھبد سان پاڻ کي جوڙ ، "جيون" ستگر آسري.

☆☆☆

١٢٥- ڏئي نہ ڪڏهن ساٿُ ، جڳ جو ڪُوڙو ناتو ،
نہ بہ موهہ ۾ ڦاٿو ، رهي سدائين منش لو ،

١٢٦- دُکہ ۾ پرائيءَ ڪي ڏِسي ، فقط وَهائڻ نيرُ ،
اِنسان آچي نہ ڏيرُ ، ويتر وڌندو دُکُ گهٽو !

١٢٧- ڪرپا ڪَرِ ڏاتار ، تنهنجا ڳُڻ مان ڳايان ،
ستگر پارِ لڳاءِ ، نِڊر نمائي آهيان !

١٢٨- چنچل هي چت آهِ ، واهر تون ڪَرِ ڪرتار ،
بيڙي آ منجهہ ڌار ، مالڪ ڪر مهر سان پارِ ،

١٢٩- ڪينَ لڳي لو چاهہ ، ڪيئن ڪَريان تُنهنجو ڀڄن ؟
موهہ ۾ اَڪيل ساهہ ، ڪين ڇُٽن ٿا جڳ بندن ،

١٣٠- جڳ جا ناتا توڙ ، سنتن جي رَهہ سنگت ۾ ،
مَنَ جا ڦرنا لاهِ ، نرليپ رهہ جڳت ۾ ،

١٣١- صبوح سَويلي جاڳُ ، مالڪ جو ڪَرِ تون ڀڄن ،
جنهن ڏنو ٿئي ساهہ ، من ڪي رک تنهن ۾ مگنُ !

١٣٢- سُهٽو ڪيڏو آهہ ، ويلو هي پريات جو ،
چتَ ۾ رَکُ تون چاهہ ، مالڪ ملڻ پريت جو ،

٨- مانجهي مرد هئا جي ، منهن مٿي ٿيا پاسي ،
ٿول وساري ويٺا ، ڪُرسيءَ جي لالچ تي ؛

٩- ڪرم ڪرڻ جي ڪوڙا ، تن کي مانُ ملي ٿو ،
چڱا ڀڄي ٿين پاسي ، مڪار خوب کِلي ٿو.

١٠- ڏِنگ تي ٽوپي پائي ، پاڻَ کي هارَ پهرائي ،
ڏنوان ڏسو اَڄ پيو ، پنهنجو مانُ وڌائي.

١١- ڪَڙي خوشامند جي ڪَنِ ، تن جي آهي چاندي ،
اِها بہ آهہ ڪَلا هڪ ، ڪڏهن نہ دل ٿي ماندي.

١٢- ڪوڙي، تُهہ سنمان لئہ ، ڪنڌ جهڪائن ڪيئي،
شاعر پڻ ڇُٽل نہ آ ، خوشامند کان خالي.

١٣- ڀوڳ بڻائي لوڪن ، نيتا ڪم ڪن ڪوڙا ،
سانڊي جئن رنگ بدلي ، پيٽ ڀري ٿين موٽا ؛

١٤- ڊول ٻلي سمانتا ، جنتا کي خوب لڳن ،
ڳنديون چوڪي مال سان ، ڏنوان جون ڀرجن ؛

١٥- گيانُ نہ سنسڪرت جو ، لوڪن کي ڪُجهہ آهي ،
اهُ وَلي اَگيان جو ، ڀانيڻ موج مڃائي ؛

قطع

١- خوب لُٽيو هو فرنگين ، اَڄ لُٽن پنهنجا لُٽيرا ؛
خون چوُسي روز ڪن پيا ، پيٽ موٽا وَڏ وَڏيرا ؛

٢- رَهه چلائيندو حقن لئه ، پر نه ڪُجهه پي آهه مِلٽو ،
لوڪشاهيءَ جي شٽيءِ جو ، آ نشو پڻ ڪجهه نرالو ؛

٣- ڪيئن ڏِجي ڪو ڏوهه پٽي کي ، هند جو پرڌان جڏهن،
هنديءِ بدلي انگريزي ، جو وَڏائي شانُ جڏهن !

٤- مان نه صوفيمت جوآهيان،سڀڪي سمجهان ڀاءُ پنهنجو،
پرَ پرانئن جي بڪيڙن ، مونکي سوڙهو آ ڪُهليو ،

٥- ڪيئن وِساريان سنڌ ماتا ، ڪي ڪيو جن آهه صدقي ،
ڪيئن چوان مان ڳالهه اوچي ، هندُ ٿيو آزاد آهي ؛

٦- مون اَڪين سامهون ڏٺو هو ، بيگناهن ڪوس ليندو ،
آ ورهاڱي ڳهاءُ گهرو جو ڏنو ، سو ڪين ڀربو ؛

٧- وطن ''جيون'' اگر به هند هو، هاڻِ پڻ آهي وَطن هند،
سنڌ منهنجي جگر آهي ، ڪيئن وساريان مادري سنڌ !

۲۴- عورت جو پيو ٿئي واپار گُلو ،
مانُ مِليءَ ۾ ڀارت جو آ مِليو.

۲۵- شعر چوڻ لئہ ريڊيو ٽي.وي. تي ،
شاعر لُڙڪائو ڏِسُ پيرَ چُمي ؛

۲۶- ڀاشڻ ۾ دَمُ ڀل ڪونہ هجي جي ،
آواز بلند ٿي ٿي ٽاڙي وَجي ،

۲۷- نيتاگيريءَ لاءِ ڪپڻ پوئلڳ ،
هوءِ هوءِ ڪرڻ لئہ فقط ڪپڻ لڳہ ،

۲۸- ڪمي نہ هت آ داني پرشن جي ،
نوٽن بدلي نہ بڪہ هارِن جي ؛

۲۹- ديس ڪي ڪي نيتائون خوب لُٽن ،
پر ڪمزور رهن چُپ ، ڪين ڪُڇن ،

۳۰- ڪيئن ملهايان آنءُ آزادي- جشن جي راتِ دلبر ؟
چور ٺڳجي ويٺا چاڪي، اَڄ جڏهن هت ديس رَهبر !

۳۱- عيش عشرت خوبُ مالٺيا ، چئن پوءِ ڀي ڇونہ آهي ؟
ياد ملڙي ماءُ سنڌ جي ، جتِ وَڃان ٿو اُت ستائي !

١٦- سونهن ڪٽي آ اَصلي ، نقلي لڳي هرِ چهرو ،
ناتو نينهن سچي جو ، ڏِسجي ڪين پيو گهرو !

١٧- ڪوڙي لاٽ باٽ لئہ ، ڏنہ ٿا لُٽائن ڪيئي ،
گهرجائن کي پر هو ، ڪين ڏين ٿا پائي !

١٨- لڪشمي پوڄا هرڪو ، تن من سان ڪريٿو ،
سرسوتي-ساڌن پرَ ، ڪين ڪريٿو سيڪو.

١٩- رام-ڀرت جي جوڙي ، ٿوڙي سگهي نہ ڪيڪئي ،
پرَ اَڄ ڀاءُ ڀاءُ جو ، ڏِسجي ڪونہ سَنيهي !

٢٠- وٽي نہ سهي ٿو ڪنهنکي ، عيب ڏِکڻ ٿو چاهي ،
جي ڪو ڪٽي ٿو آڳر ، جوتو پيو اولاري ،

٢١- سيا اَڄوڪي ۾ "جيون" ڪپي ٿو عهدو سڀ کي ،
ٻئي جي ڳڻ کي ڪوئي ، ڇا لئہ پوءِ ساراهي.

٢٢- پرشارين جي آ ، هيڳهي مثل ،
ڪمزورن جا ٿين حق ، روز قتل ،

٢٣- لالچ نام ڪمائڻ ، جي لئہ اَڄ ،
هرم لُٽائيندي ڪين اَچي لڄ.

۴۰- آهين سنڌي جنم کان ، سنڌي ٿلو سڏائين ؛
ڇو ٿيو ملالين ليڄان ، سنڌي ٿلو سڏائين ؟

۴۱- آهين سنڌي اَصل کان ، آهي فخر نه تو ڇو ؟
گهڻا ڪين ڪارناما ، آهي فخر نه تو ڇو ؟

۴۲- دشمن جي سِرُ ڪٽڻ لئه ، آواز هڪ نه ڇو آ ؟
”جيون“ حقن وٺڻ لئه ، آواز هڪ نه جو آ ؟

۴۳- جوانيءَ جي مستي ، بَدن گُل اَلستي ،
عجب آهه هستي ، فِدا ساري بَستي !

۴۴- حسن جو هي جلوو ، سهي ڪير سگهندو ؟
مِلي جو اِشارو ، صبر ڪيئن رکي ڪو !

۴۵- نظرِ ناز موهيو ، اکين ڪجهه ٻڌايو ،
کَسيو هوش دلبر ، بيان ڪيئن ڪري ڪو ؛

۴۶- گلابي گُلن مان وهي رَسَ جي ڌارا ،
ڏين جڳ ٿا دعوت ، چمن جا ڪنارا ؛

۴۷- خُدا جا ٿو بخشي، حُسن کي نزاڪت،
جهان سارو بڻجي وَيو آهه جَنت؛

٢٢- ياد ماضي ڪر سڄڻ تون ، بند نہ ڪر حاڪم تون واهون ،
اَڄ گلي مِلُ، گڏجي هڪ ٿِيون ، ٻاھ نفرت جي وسايون !

٢٣- تو ۾ ، مونهِ ۾ هڪ ئي مالڪ ، ويڙ ويڇو ڇَڏ تون ڀيائي
حد-بندين کي ٽوڙ ساٿي ، ڪيسين سهندين هيءَ جُدائي ؟

٢٤- آهن اُديش ساڳيا ، پوءِ ڀي نفاق ڇو آ ؟
ساڳيا سپن سان ناتا ، پوءِ بہ نفاق ڇو آ ؟!

٢٥- منزل اَسانجي ساڳي، ساڳي نہ راھ ڇو آ ؟
هڪڙي اَسانجي ٻولي، ساڳي نہ راھ ڇو آ ؟

٢٦- سيوا ڪرڻ ٿا چاهيون ، ساڳيو نہ چاھ ڇو آ ؟
گڏجي قدم وڌايون ، ساڳيو نہ چاھ ڇو آ ؟

٢٧- تو وٽ جي آھ دولت ، ايڏو غرور ڇو آ ؟
ڪرڻ سچي جي خدمت ، ايڏو غرور ڇو آ ؟

٢٨- دُشمن اَسانجو هڪڙو ، گڏجي لڙڻ نہ ڇو آ ؟
آخر سبب آ ڪهڙو ، گڏجي لڙڻ نہ ڇو آ ؟

٢٩- ڪڇڻي اَلڳہ رَڏڻ جو ، ڪارڻ اَدا آ ڪهڙو ؟
ڪُليل جڏهن پندارو ، ڪارڻ اَدا آ ڪهڙو ؟

٥٦- ٿرم مذهب ڪهڙي ڪم جو ، خلق تنهنجيءَ کي ويڙهائي،
ڪين گهرجي اهڙي دنيا ، جت رهيو ايمان ناهي !

٥٧- قدر عالم جو نہ جت آ ، زرُ لڪائي عيب سارا ،
ٿو وڪامي حُسن هٽ پيو ، عيش ڪن ٿا جڳ هتيارا !

٥٨- چور سنتن جي ڪُليا ۾ ، مڇ سان ڪائن ڪُلي پيا ،
بيک لئہ ”جيون“ ڏسان پيو ، ڪيئي پلڪن پڳت تنهنجا!

٥٩- ظالم جي آهہ ساري ، قانون مات آهي ،
ڪمزور جي مٿان اَڄ ، هرڪو ٿو ظُلم ڍائي ؛

٦٠- پُڪر ٿي سدا رهيلو ، مُفلس جو ڪير ناهي ،
چپ چاپ پيو سَهيلو ، همراهہ ڪيرُ ناهي ؛

٦١- زردار جي بغل ۾ ، سامان عيش جو آ ،
غُربت جُهڪائي سِرُ ٿي ، سؤ سؤ ڪري ٿي سجدا ؛

٦٢- چانديءَ جي چند ٽُڪرن ، ٿي ٿي وڪامي عصمت ،
عالم جو علم وڪجي ، عاقل جو مانُ عظِمتَ !

٦٣- ڪِٿِ آهہ لوڪشاهي ، چُپ آ زِبانَ ڪيڏي ؟
هَمچِن جو داد آهي ، ٽُٽ مارِ جي آزادي !

٤٨- حسن جو سِڪو آ جميل سڀ جي دل تي ،
حُسن سان محبت ، تو سِڪو جتائي !

٤٩- صبوح جو سويري ، کِلي حُسن گُل جو ،
وساري جهان کي ، ڏئي ڦيرا ڀنورو ؛

٥٠- حُسن جي اَکيان کين "جيون" هلي ٿي ،
گهمنڊُ جِن جَتايو ، مِلي تن جي هستي !

٥١- يا خُدا قائل نہ آهيان، اهڙي تنهنجي هن دُنيا جو ،
پاڪدامن جو نہ آهي، حُسن کهڙي ڪم جو چَئبو ؟

٥٢- صاف جل اَنمول نعمت، شڪ رکي مَنُ صحت بخشي ،
کين ڪوڏي مُلهہ آ اُنجو، جي وجي ڪيچڙ سان گڏجي ؛

٥٣- جو ڪمائي پاپ سان ڌنُ ، دان اُنکان کين گهرجي،
پريم جو پاپڙ ڀلو آ ، يار اُن تان ساهہ صدقي ؛

٥٤- چاپلوس خاصخيلن جو وڏيو اَڄُ زور آهي ؛
ڪَنڌ جهڪائڻ هٿن جوڙڻ بِنِ نہ ڪوئي ڪنهنجو ڪم ٿئي

٥٥- بانگ ڪڪڙن جي ٿي اِڏهي، صبح بدلي شام جو پئي،
ڪانو ڪان ڪان صبح ڪن ٿا، ماڪ ڪوئل کي لڳي وئي؛

٧٢- سِکَ سبق موتيءَ منجھان، ڪين اونڌهه ۾ رهي،
ٽاڙ مولعي جي رکي سِپَ کي ڦاڙي ٿو ڇڏي؛

٧٣- جوش تي تون ضابطو رک، هوش تي هسوار ٿي،
سَچَ سندي تلوار سان جَڙ ڪَٽي ڇڏ ڪوڙ جي؛

٧٤- ڪهڙو مذهب ٿو چوي، ٻين کي نفرت ڪريو،
آ حبيشي شخص سو، آهه زهريلو سَلو؛

٧٥- جيئڻُ مشڪل آ ٿيو، وَئي اُڌامي پڻ خوشي،
اَڄُ گهڙي تبديل ٿي، ٻيجُ ٻچان جي زندگي؛

٧٦- چاهه ساڌڪ ساڌنا، ڀڳت ڀڳتي ڀاونا،
ٿاب ڪهڙي ريت ٿئي؟ جي رکي دُشُ ڪامنا؛

٧٧- جوت مون جا چاهه مان، ٿئي جلائڻ جِتِ گهڙي،
اُتِ ڪِپيو اَنڌڪار ٿئي، ديش دوهي، پاکنڊي؛

٧٨- مون کڙانو اُدب جو، ڳڌ ڪيو آ چاهه مان،
ڀِل ڀڙهي جي ڪونه ڪو، ساهه سانڍي ته ٻه رکان،

٧٩- روڪ خيالن تي وجهڻ، آهه مشڪل ڪم اِهو،
ڦلڙ جي پرواهه کي، ٻندُ ڏيڻ ''جيون'' ڏکيو!

٦٤- سياست ني آهه قبضو ، اَڄ پاڻ وَڏِ اُنهن جو ،
جن جي لڇوڙين ۾ آ ، ڏنَ جو اَنبار ڪارو ؛

٦٥- چَند شاهه پيا اُڏائن ، ڪلبن ۾ ڏنُ ۽ دولت ،
تنگ جهوپڙين ۾ ڪيئي ، اِنسان سهن زحمت !

٦٦- عورت جو نازُ نخرو ، بدني نماءُ پڻ ٿو ،
زَر تي وِڪامي سڀُ ڪجهه ، هرڪو فِدا اَدا جو ؛

٦٧- ڪنهنجو نہ وَسُ هلي ٿو ، مردانگي شمهي پئي ،
جتِ ناهه ايڪو "جيون" دهشت تہ سڀڪي پوندي.

٦٨- هام هرڪو پيو هڻي ؛ ديس جو چاهي ڀلو پيو ،
ٻُڌُ سڀن جي ، چئہ نہ منهن سان، ڪير ڪوڙو ؟ سچ چويٿو !

٦٩- ديس جي ڪهڙي آ حالت، جاچ پنهنجي سمجهہ سان تون ،
قدم رکہ اُت ، من چوي جتِ، هل سچي تنهن راهه تان تون،

٧٠- سانڌ ڏي اَهڙي ڪمن لئہ ، اوّج ترقي ديس جي ٿئي،
خلق جن سان خوش ٿئي ، آباد سارو ديس ڏسجي ؛

٧١- جو ڪسي روزي ٻين جي ، پيٽ پنهنجن جو ڀري ٿو ،
موُرِ رکہ تون ڪين ياري، پڇُ ڀري ٿي، ڪر تون پاسو؛

۸۸- صورت الڳ الڳ آ ، خواهش سڀن جي پنهنجي ،
ڪَرِ ليڊ ڪين ڪنهنکي ، آزاد رکہ تون پنهنجي !

۸۹- هڪ سُور ڪين آهي ؛ اَرمان هزار آهن ،
سڀ ڪين ليندا پُورا ، سنتوش رکہ تون ''جيون''

۹۰- اَڄ جو ليڊر دَرُسُ ڏي ٿو، هنجوجڏهن ڪرسي ٿو،
حال بهتر جو دِلاسو ، ڏيئي هر هر مون لڳي ٿو !

۹۱- ڪيئي ليڊر دَر اَچن ٿا ، ٻول مٺڙا خوب ڪن ٿا ،
پر نہ پاڙن هڪ بہ وعدو ، جي چَئون ڪُجھ جهٽ رُسن ٿا.

۹۲- ووٽ لئہ سڀ هٿَ ٿا جوڙن ، پل جو راجا ٿا بڻائن ،
جڏهن ڪُرسي تي ويهن ٿا ، حڪم مونتي ٿا هلائن !

۹۳- مَنُ مهانگائيءَ ڳاريو ، ظُلم تاناشاهي ماريو ،
ڪينڪو همدرد ڏسجي، ديس پنهنجو، پر مان ڏاريو !

۹۴- مان جو چاهيان ڪين ٿئي ٿو ، خيال سڀ جو آهہ پنهنجو ،
ڪوئي منزل ڪيئن پهچي؟ ڦوٽ جو هي آ نتيجو.

۹۵- ڏنُ ڏڻائي جو ڪو چاهي؟ اڄ جيسين ڪين آهي ،
پيٽ پنهنجي لاءِ ڏنوان ، سانگہ ڪيڏا ٿو رچائي !

۸۰- دَردُ دِل ۾ جن کي ناهي ، ناهن سانئي ناتوان جو ؛
کين ڪَرِ وِشواس اُنتي ، جو ڏئي سگهو دِلاسو ؛

۸۱- دِلِ نہ ڏيءُ تون راز اُنکي،جنهنجي اکہ ۾ لُڙڪ ناهي،
چُپُ رهڻ بهتر سمجهُ آ ، جنهن ڇڏيو توکي پلائي ؛

۸۲- ڳِچ نہ ڳولي ، هر دنيا ۾ ، ڪو نہ ملندو يارُ دلبر ،
همسفر سائي سچو ”جيون“ کي ملندو نيٺ رهبر !

۸۳- هوءَ جي حسين آهي ، هيا پڻ گهٽائي آهن ،
چاهت نہ رکہ تون هڪ جي ، هت سيڪڙون ٿا چاهن !

۸۴- گُلُ هڪ نہ باغ ۾ آ ، قسمين هزار ڏسجن ،
هڪ کي نہ چاهي پنورو ، سڀُ گُل ٿا کيس موهِنِ.

۸۵- آ نازُ سڀ جو پنهنجو ، ناهي ڪمي اَدا جي ،
فطرت جُدا جُدا آ، عظمت ڏِسو خُدا جي ؛

۸۶- موُسم حسين آهي ، جِتِ ڪِٿِ بهار ڏسبي ،
اَحساس من ۾ هيو هيو ، جذبو اَلڳہ ٿو اُڀري ؛

۸۷- ڪوئل جي ملڙي ڪوُ ڪوُ، اُنہ آ درد ڪيڏو ،
آنسون پيئي ٿو ڪوئي ، ڪوئي روئي ڏِئي ٿو ؛

ٽه - سٽا

سائين تنهنجي تات،
پل پل ساريندي وَئي،
گذري سارِي رات،
سُسئي ڇا لئه سوُر،
ڳولهي ڏِسُ پنهنجي اَندر،
ٻنهل نه توکان ڏارَ !

سائين تنهنجي اوٽَ،
پِدر پِمالي آسيرو،
شهٽل جلدي موٽُ.
مايا ڇَلَ وَلَ ڌوهه،
ڦاسُ نه مايا جار ۾،
سڄڻ ڇَڏي ڏي موهه !

ڪيڏا وچن پيا گهنڊ،
باهه لڳي سنسار کي،
ساڏن گهري ننڊ.
مورکه ڪڄهه ساڃاهه،
مندر مسجد نانوَ تي،
گهر گهر ڪَرِ نه تباهه !

مٺيا هي سنسارُ،
ڪنهن لئه مورکه پيو ڪرين؟
ڪوُڙو هي واپار.
ويڙهائي ڪيا ڌيرَ،
''جيون'' عقل وڃائيو،
مُنهنجي تُنهنجي ڦير !

ڪيڏي پياري جان؟!
ديهه ڏسي پيو ٿو لرين،
آهين پڙ مهمانُ !
ڪٽي نه ويندين سانُ،
مَرڻ پڄاڻا جو اَلئي،
جلدي پاڻ سُڃاڻ !

٩٦- ڊونگر ڏسجي لوڪشاهي ، فقط ڀڄجي نعري بازي ،
حال "جيون" ساڳيو رهندو، ڦوٽ جيسين ڪانءِ وهندي !

٩٧- ڌلاسن تي رکين نرڏن ، سَخي پڻ تو سڏائين پيو ،
ڏِني ڀڳوان تو دولت جا ، اَجايو سا لُٽائين پيو!

٩٨- نَشو ايڏو چڱو ناهي ، نکو اِيمان ڪو سونهين ،
اَهر ڪان ناتوانن جو فڪر توکي ذرو ناهي !

٩٩- ڪَنڌن ۾ پانڌُ اَلڪيل آ ، سنڀالي رکءِ قدم سائي ،
وڏي ڪاسائي ويا جڳ ۾ ، ڦِکي تِن جي جَبَر ڪاتي.

١٠٠- اَهر تي قبضي مشڪل آ ، گهمنڊ ۾ چُور آ اِنسان ،
سچو سائي ملڻ مشڪل، جو سِرُ پنهنجو ڪري قربان!

١٠١- بڻي سستي وَئي عورت ، سِڪن چند ۾ وڪامي ٿي ،
نہ محبت جو قدر جاڻي ، حيا ۽ لڄ اُگهاڙي ٿي.

١٠٢- شرافت جي چپن تي اَڄُ ، لڳل تالو پيو ڏسجي ،
حڪومت هِتِ آ ڏاڍن جي ، ڏسي من پيو کُڄي ڦٽڪي !

١٠٣- غلامي ڪَٿُ ڳچي آهي، مِلي ڪِٿِ آهِ آزادي؟
وَيا اَنگريز، پر "جيون" نہ وَئي ڀارت مان اَنگريزي!

اهڏا ڀهه نه ڀڄاءِ،
مايا لڪڻي نا ڪِلي،
سائينءَ سان دِلِ لاءِ !

پاڻ کي ڪين پڏاءِ،
رَهيو نه چِتُ جي آهِ وَس،
گياني ڪين سڏاءِ !

ڏاهن جو ڪر سَنگُ
مُڪتي جي چاهين سَڄڻ،
جوتِ ٻاٻن سان جنگ !

سَتگُر جو رَهُ داسُ،
راهه سَچي جي تو ڪَپي،
ڇَڏ سڀ ڀوڳُ - ولاس !

هرِ پَلَ مَنَ ۾ سوچ،
مَنش جنم ڇا لئه مليو ؟
آتم ڏنَ لئه لوچ !

کَهڙي ڪم جو گيان ؟
ڪَرَم نه ڪوڙا جي ڇُڏن !
سَڪٽو سڀُ اُپمان !

ساڌ-سنگت ۾ گهارِ،
موهه ۽ ممتا کي ڇڏي،
سچ جو ڪر واپار !

تون ٿي رانجهوُ هِيرَ،
مَنَ ۾ ڳولهي ڏِس پِرين،
ڇا لَئه ڀيلين پيرَ !!

جڳ جي ساري سوُنهن،
ڀنڀالي مَن کي گهٽو،
ٻانڌج نه ڪوڙُ ورونهن !

اوڀر اُڀري باک،
قدرت جاڳي ننڊ مان،
ڳاءِ سَڄڻَ جي ساک !

وهم، واسنا، ڀوڳ،
ڪام، ڪروڌ کان رَهُ پري،
رهندين سدا اروڳ !

مالڪ هڪڙو آهه،
ڏِسجن روُپ اَنيڪ پيا،
پر هستي ٻي ناهِ !

خالق آهين پاڻَ،
تون ئي آهين خلق ۾،
ڪنهن ڪنهن آھ پڇاڻ !
ٻچڙو ڏنَ جو موهُ !
ڦائي اونڌي واٽ تي،
وڌندو رَهندو ڏوهُ !

ڪڏهن نہ ٿيءُ نراسُ،
ڪَرَمَ سَچي دِلِ ساڻُ ڪَرِ،
پوري ٿيندءِ آسَ !
ٻارِ اَلکہ جي جوتِ،
ياد سَچي مَنَ ساڻُ ڪَرِ،
راضي ٿيندو موت !

ڪهڙي ڪم جو موهُ ؟
روز پريندو ٿو رهين،
جهول ۾ پنهنجي ڏوهُ !
نِشڦل ڪَرمَ جي پياسَ،
هِردي ۾ رَکُ تون سَدا،
ٿيندين ڪين نراسِ !

ڇا لَئہ ڏين ٻئي ڏوھ؟
عيب نہ پنهنجا ٿو ڏِسين،
ڇَڏ سؤارٿ ۽ موهُ !
آھ لڳل بازار،
مايا لڳٽي موهُ جي،
آھ وِڇائي جار.

موهُ جي ڦهليل جار،
مَنش کي جَڪڙي ٿي ڇَڏي،
مَنَ ۾ موهُ کي مار،
سَڀَ سُوڌي ۾ ڪوڙُ،
ڪوڙ بِنا ٻِڪہ نا مِلي !
آهي سَڀُ پرَ ڏوڙِ !

سَچَ سان مَنَ دِلِ لاءِ،
سَنگہُ نا ڪوڙي ساڻ ڪَرِ،
ڪَپٽ جي ٻاھ وِساءِ !
جَڳُ سارو جنجال،
مُڪتي ملي نہ منش کي،
جيسين پهچي ڪالُ !

ڦرنئي کان رَهُ دُوُرِ،
مايا موهه جو تياڳ ڪر،
سائين ناهي دُوُر !

گيانيءَ ڪين سڏاءِ،
جيسين جيوت آهه سِڪُ،
پڙدو اَنڌ هٽاءِ !

ڏسي پرالا رنگ،
جڳ جو من چنچل ٿئي،
جوڳي سچو اَهنگ !

پيارَ سان سِيسُ جُهڪاءِ،
ويسهه ڌاري دِلِ اَندر،
پريتم کي پرچاءِ !

ڪيرُ نہ پنهنجو آهه،
ناتا رِشتا جوتِ سَڀُ،
رَهُ تون بيپرواهه !

سَچَ جي وَٽُ تون راهه،
پانڌيئڙا تون ڪونہ ڪَرِ،
ڪَشٽن جي پرواهه !

وِيل مِلي پرڀات،
مندر مِلڙا گهنڊ وڄن،
پکي لنون پڙهه لاتِ !

ڏَر ڏَر ڀِلڪُ نہ يارَ،
پنهنجي مَنَ ۾ گولهه تون،
سَچُ نہ توکان ڌارَ !

سانت ۾ ويهي جاپ،
نانءَ ڏليءَ جو هر گهڙي،
ڌوءِ سدا لئہ پاپ !

مَنَ ۾ مَوُج مچاءِ،
هٿي ڏاڍهن ڪين نهارِ تون،
سائين سان دِلِ لاءِ !

ڪَرِ نہ ڀروسو سانسَ،
نِيولت سَڀَ جي ديهه آ،
هنڌُ نہ اَجائي آسَ !

قدرت جي ساراهه،
جو نہ ڪَجي او بانورا،
اَملهه ڏنو جنهن ساهه !

اَهمُ وَڌائي جوشُ،
نياءِ-اَنياءِ ۾ سَنڌو،
رَکي سَگهي نا هوش !

اَهمُ ڪَري آوازُ،
ڊاهي سَڀُ ڪجهہ لو ڇڏي،
مَنَ ۾ رهي نہ رازُ !

مانُ مِلي اَپمانُ،
آتم کي ڪجهہ ڪونہ ٿِئي،
ڏُکہ سکہ سمجهہ سمان !

موهہ جي ڦهليل ڄار،
اَنت اِڄائن ناهہ ڪو،
پنهنجي مَنَ کي مارِ !

مَنَ ۾ موهہ جو روڳُ،
وَلِ جِئن ويڙهيل ٿو رهي،
ويتر ماريو يوڳَ !

لاهِ نہ ايڏا لاهہ،
اَنت اِڄائن ڪين ٿئي،
اونا جڳ جا لاهِ !

ڏيانُ سَچو جي ناهِ،
گيان نہ حاصل ٿئي ڪڏهن،
رَتِ رَتِ ڪين لَڳاءِ !

ڪيڏا پچائين پورَ،
سَپنو هي سنسار آ،
پال نہ ايڏا سُور !

ڏُکي سَچو آ ڏيهہ،
ڪوڙي مايا موهہ ۾،
جکڙي رکيو سَنيهہ !

ڪام ڪروڌ ۽ لوڀُ،
مَنش ڦاسائي ڇوڪنيو،
ملي ٿي مُشڪل سوڀَ !

جڳ جي ڪُوڙي پريت،
ڪنهن سان ناتو ڪين رَکُ،
مَنَ پنهنجي کي جيت !

اُسَرَ جي ويلي ڏياءِ،
جوت-جُڳتِ سان مَنش تون،
پريتم کي پرچاءِ !

وڄي ٿو اَنحد ناد،
جهانجهن جي جهڻ جهڻ ۾،
پهتت پيا ڏسجن شادِ،
پريوءَ کي پرچاءِ،
صدق سچي ڪر وينتي،
پاپ ڪرم بخشاءِ.

ڳرڊر جا ڳهڻ-ڳاڻ،
ميران ڏسجي بانوري،
ريجهائي بڻي ڪانُ.
ڏينهن هجي يا رات،
آهه ڏنو جنهن ساهه رَبَ،
هر پل رک من تاتِ.

گووند جا ڳڻ ڳاءِ،
اَملهه ڏنو آ جنهن جنم،
‟جيون“ سڦل بڻاءِ!
نار نهل کي تار،
عرض نماڻي سُڻ سڄڻ،
بيڙي ٻڏل اُڪار.

ماتا ڪر تون مهرَ،
هيڻي منهنجي حال تي،
ديا جي درشلي ڏرِ،
پرَ ڏي ڪين نهار،
هِمت جو تُرهو ٻڏي،
‟جيون“ وڃُ هڻ پار.

سڦل بڻائج جنم،
صاف سچو رک من سدا،
ڪين ڪُڌو ڪر ڪو ڪم.
تَتي ڏڏي تون ڪاهه،
پو - پولا سڀُ لاهه تون،
پريت سڄڻ سان لاءِ.

مَنَ سان ڪَرِ تون باتِ،
پاڻ سُڃاڻج پاڻ کي،
آتم ڏِن ڪَرِ پرابت!
جن جي من ۾ چاهه،
ويل اُسهڻ جي نا ڏِسن،
سوُلي ليندي راهه.

پوُرن ٿي وَئي آسَ،
ڄَڏيو مِلائي سوڙ سڀُ،
من ۾ ڪَري نواسُ !

نام جپڻ جي ويلَ،
آهه سُهائي هيءَ گهڙي،
ڪَر نه سُمهي اَويل !

ڀيمَ- ڀنيءَ جي راڳ،
موهيو مَنَ کي ڪيترو،
سَدِ ڳُڻَ ٿيا سڄاڳ !

جوڳي جوڳ ڀڄاءِ،
ڪَر ڪا ڀلائي ڀونءِ سان،
ڏُکين سان دِلِ لاءِ.

سازيندڙ جو سازُ،
رڳ رڳ ۾ گونجي جڏهن،
سَلي روحاني رازَ !

فقط نه گوڪل ڌام،
ڀرَ ڀارت جي هر ڳلي،
پيارُ ڪري گهنشام.

موُلا وَساءِ مينهن،
بِن اِنجي ڪهڙو گذر؟
لڳي نه ڪنهن سان نينهن !

ظلمن جي هيءَ ڄار،
ڪڏهن ڪلينديِن ڪرشنا،
هاڻ ته وَٺُ اوُتارُ.

وائي ويرُ وِسار،
ڀيڏُ نه مندر مسجد ۾،
سڀَ جو هڪ ڪرتار !

جيئڻ بڻيو جنجال،
سُک بدلي هِتِ ڏُک گهڻا؛
شيام مِٽاءِ ملال.

سَنتَ ڪَپي لي سانت،
تياڳي جو سنسار کي،
تنهنکي مِلندو ڪانتِ !

ڪرشن جا سڀ ميتَ،
شرڌا ڀڳتي-ڀاوَ سان،
ڳائن مِلڙا گيت.

راھ ۾ وِکڙيل خار،
قدم سنڀالي رَکُ سَچڻ،
پالهي پوندين پار!
سڀ سان مَنَ دِلِ لاءِ،
سنگ نا ڪوڙي ساڻ ڪَرِ،
ڪَپٽ جي باھ وِساءِ.

ڪينَ مڃيندس هار،
جيسين قائم آ ظُلم؛
تو لئہ آھ ڌڪار!
جي تون آھين سڄاڻُ،
محنت پڻ گڏجي ڪَبي،
ديس جو لهندو ڀاڻُ!

پورو ليندو چاھ،
منزل پهچان سيگهہ جي،
هموار ڪرين جي لاھ!
سالي ساندھ ڪاھ،
ماڳ نہ جيسين تو مِلي،
سِرَ جو سانگوَ لاھِ!

ڪُچلين جو نہ رواج،
خيال پُراڻا وڃا سڙي،
نئين ھٿا جوڙ سَماج،
ڏُکن سکن جي جنگ،
منهن ڏي هر پل مَرد ٿي
علاج نشو نا ڀنگ!

جن جي مَنَ ۾ تات،
شڪ نہ شُمهن جيڏيون،
ڏينهن هجي يا رات!
ڇا لئہ ڪرين ٿو دانهن؟
ڪَنَ ۾ ظالم پئي ڪيهہ،
دَمُ رک پنهنجي ٻانهن!

ٻئي ڏي ڪين نهارِ،
ويل وِهامڻ ڪين ڏي،
پنهنجو ٻولو ٻار.
ٻکي ٻچائيج ڪنہ،
اُڏري وڃ آڪاس ۾،
ڦيرو ڏيندءِ ڏنہَ!

پنهنجي پيرن پاڻ،
جيسين بيهڻ کو سکي،
تيسين ڪَڍندو ڪاڻ؛
چارڻ چور کو چنگُ،
منزل پنهنجي تي رَسان،
پورا ٿين اُمنگ.

ڪٽندا باريِ باڙ،
ڏُکَ ڪان ڇو دلگير ٿين؟
ايندي نيٺ بهار.
تتي ٿڌي تون ڪاهِ،
مِلڻو ٿئي محبوب جي،
ڀِٽِ جا ڦُرڻا ڦاهِ!

ڪهڙي ڪم جي جاڳ؟
سوچي سوچي وئي گذري،
ملي نہ منزل ماڳ.
جاڳيو آ سوُماڻ،
هاڻ نہ سهندس وَڏِ ظلم،
لِپَ لِپَ تي اَپماڻُ!

ڇوٽ مَٿان هڻُ ڇوٽَ،
لوهہ تَپائي مون رکيو،
ڊاهِ ظلم جو ڪوٽ!
حرڪت جي هيءَ ڄار،
آهہ پرالي هاڻ لي؛
ٿيندس ڪين شڪار!

قيد ۾ سنڌڙي ماءُ،
سوُر هزارين پئي سهي،
صدقي ڪَر تون ساهہ.
غفلت ۾ غلطانُ،
رَهہ نہ سدائين يار تون،
وَڏِ نہ ڏي شيطان.

نانهن شمهڻ جي وَيل،
تتي ٿڌي هل ڪاهيندو،
منزل پهچ سَويل.
ڪنهن ڏانهن ڪين نهار،
منزل کي رکُ خيال ۾،
پنهنجو پوُلو پار!

ڪرم ڪندو تون هلُ
توڪل جو ترهو ٻڌي،
نيٺ ته ملندءِ ڪلُ !

لهرن جو هي شور،
پلي ڏڪائي پر نه ٻڏ؛
چاه نه ڪر ڪمزور.

ڪين پڄائيندءِ پور،
غم پڻ ڇا جي لئه ڪرين ؟
سونهن شڪن جا سور.

پري نه آهي پنڌ،
جي تون چاهين ته ملڻ؛
ڪوري ڏج تون ڪنڌ.

ڪڏهن ٿيا ڪا راه،
راه اڻانگي پلِ هجي؛
پانڌي اڳتي ڪاهِ.

ڪين ڪپي ٿو ماڻُ،
ڪوڙي خوشامند پڻ وٺي؛
سچ جو لٽي ايمانُ.

راهون ڏسان، اٿاه،
من پنهنجي ٿو وجي؛
سوچي رک پنڌُ راه.

ڪنهنجو آهي دوشُ ؟
هرڪو هيڪبئي کان پڇي؛
ڪير چور ؟ نردوش ؟!

مورنِ جو آن مورُ،
پنهنجو پاڻ سڃاڻ تون
ناهين تون ڪمزور.

هئي ڪي ڪهڙو ڏوهه ؟
حالت پنهنجي سان جڏهن؛
پنهنجن ئي ڪيو ڏوهه !

جهاڳ سجڻ تون جهاڳ،
همت هارڻ ڪم ڪچن؛
دور نه آهي ماڳُ.

ڏيکاريندي مون نوٽُ،
مشڪل ڪشڪش هو لڳو؛
مَن ۾ رکندي کوٽُ !

سِرَ جو سانگو لاهِ،
همت رکي گهڙُ گهيڙ ۾،
پارِ پرينءَ جي ڪاهِ،
پنهنجي هڏِ هلُ پاڻ،
همت سان رَکُ اَڳتي قدم،
ڇا لئہ ڪڍين ٿو ڪاڻَ ؟

ڪنهنتي ٻڌج نہ بارُ،
ڀاڱ نہ قسمت تي رُکو،
پنهنجو ڀوتو ڀار.
ٻئي ڏانهن ڪين نهار،
محنت مشقت پاڻ ڪَرِ؛
پنهنجو ڀوتو ڀار،

لوهہ ڪلي فولادُ،
مرد مجاهد هت ڪِپن
ويرن جي اولادِ !
ويل سٽائي ڪَرِ يتنُ؛
مانجهي جلدي ڪڻ سَمَرُ
ڪجهہ ٻي ناهہ ڪَلن؛

جوکم جيءَ جهاز،
واءَ ڏسي گهڙ گهيڙ ۾،
ڏاها ڪڻ همراز،
سجڻ هنيون نا هارِ
ڏيئي ٽپو ميدان ۾،
دُشمن سِرُ ڪر ڏارَ.

ڪر نہ ڌرو وِسرام،
جيسين جڳ ۾ آ ظلم؛
تيسين ننڊ حرام ؛
ڇانيل آ ڀوسات،
مشڪل ڪجي ٿو ساڻ ڙي،
اَچ، سڀ ڀنڊن ڪات.

جيسين آهن پراڻ،
ظُلم نہ سهندس مان ڪڏهن،
ڪين مڃيندس آڻَ.
ڇپن ڪي ڇوُنو لاءِ،
ڏاڍن کي سَهُ ڪين چَئُہ،
رُخ پنهنجو بدلاءِ،

آهه وڏو ڏنوانُ،
مورک کي مايا ملي،
عاقل جو اپمانُ !

ڀارت سڀ جي ماٺ،
مورک ڇا لئہ وِڄ وجهين ؟
ويڇو، ويرُ، وِڻاٺ !

ڀوڙن لاءِ رَبابُ،
اَنڌن اَکيان آنسون،
کين مِلي ڪو لاڀُ.

آزاديءَ جو هيءُ گهاٽ،
سيجَ بڻي آ سوُرن جي،
روئي هِتِ هٿُ ماٺ !

ڌرم، ڪَرم، ايمانُ،
مايا- موهه ويو ڳهي،
مَنش بڻيو حيوانَ.

ڦهلائي ڏهڪاٺ،
ڏِکي ڪڍيائون سندُ مان،
وِڃڙي ويا سڀ ڀاٺ !

ٻڌري ليندي نيٺ،
''جيون'' سَکڻي ساکَ ڙي،
ڦُرهو ليندءِ هيٺ !

ڪَئين گُذريا سال،
جلاوطن مونکي مليو،
مذهب ڪيو بدحال !

ڪيئي لکَ ۾ ڀاهه،
ڏسجن اَڄ ٻي لوک پيا،
پر تون بيپرواهه.

ڪنهن سان ونڊيان حالُ،
عاقل هرڪو ڀاڻ آ،
ڏنُ لي هنجي ڊال !

اوڇو رکين تو ڳاٽُ،
مؤرک هيٺ ڀِهار ڪُجهہ،
ڦهر کي لڳني پيو ڪاٽُ !

ٻئي مان ڪَڍين تو ڪاڻَ،
ڏسين نہ پنهنجا عيب تو،
ڀرين ڦڏار ڀاڻَ.

هي ڪَهڙو اِنسانُ ؟
پنهنجي پِيءَ کي جو پِري ،
تنهنجو ڪوڙيءَ مانُ !

ڪهڙي ڪم جو دانُ ؟
آسَ رکي جا موت جي
گهري وَلي سنمانُ !

پيءَ ڏُکَ جو آ دوُر،
رِشتن ناتن وَڌِ وِڃهي؛
هلي نہ ڪَنهنجو زورُ !

ڪاري ڀيانڪ راتِ،
ڪاڻڻر ڪَنبڻي وَڏي؛
جيسين لئي پرڀاتِ !

نفرت جي هيءَ باهِ،
وِچِڙي واڇوڙي جيان؛
سَڀُ ڪجهہ ''جيون'' سُواهِ.

نِڪمي آ سرڪار،
گهرج جي پوُرت جَڏهن؛
وَقت وَلي بيڪار !

مالهون پهتا چَنڊَ،
غافل ڇا لئہ تون رهين ؟
مورک ڇڏ تون ننڊ !

ڪَلجڳ جو آ دورُ،
پنهنجي،هرڪو پيو هلي؛
ٻئي جو هلي نہ زورُ.

ڪيڏا وڃن پيا گهنڊ ؟
باهہ لڳي سنسار کي،
ساڏن گهريِ ننڊ !

ڇڏي جڏهن ڪان سنڌ،
ڪِين آسان کي حق مِليا؛
قدر نہ جاتو هِندُ !

هي ڪهڙو آ ڏام ؟
سمجهن پيءُ جتِ پاپ کي ،
کولا ڪم ڪن جامُ !

منهنجي پياري ٻاءُ،
هنديءَ ۾ ڪيڪاريو؛
مَنَ کي پهتو گهاءُ !

ڳهڙي ڳهڙي ڏهڪاءُ ،
آنتڪوادين ديس ۾ ؛
پئدا ڪيو تناءُ !

بغل ڇُري مُک رام ،
من ميرو ، مستڪ تِلڪ ؛
لِڪي پيئي پيو جام.

هٽي جو رَکن نہ خيالُ ،
نشي پتي ۾ عيش ۾ ؛
ڇوڙِ رهن بيحال !

ڌرتيءَ جو اُپڪارُ ،
ڪون مڃي جو جيئُ ٿو ؛
تنهنکي آهِ ڌڪارَ.

ڪَپلي بي-ايمانَ ،
رهبرَ مليا ديس کي ؛
گهٽبو رهي ٿو شانُ !

گُذريا پنجاھ سال ،
ڀارت کي آزاد ٿئي ؛
سُڌريو اَڃا نہ حالُ !

جنتا جو دُک دَردُ ،
دِنِ دِنِ وڌندو ٿو رهي ؛
سَکنا مِلن همدرد.

خطري جو اِمڪانُ ،
گهر جو ڀاڻي. جي، ٿڙي ؛
وڌو ٿئي نقصان !

زوراوَر جي زورَ.
ظُلم مچايو مُلک ۾ ؛
جوڙِن هٿ ڪمزور.

ڇوٽ ٿيندو راڄُ ،
ديسَ جو کولِن ڀيڌُ جي ؛
تِنِ کي شرم نہ لاڄَ .

آھ ڳهليو آوازُ ،
جارِ وِڄائي ظُلم جي ؛
جِتِ ڪِتِ حرفتبازَ.

ڪهڙي ڪم جو دان ؟
موت ۾ جنهن کي ٿو ڪپي ؛
اِسليڇي سَنمانُ !

قدرُ وڏي ويو گهوٽَ ،
عورت سان گڏ تو گهري ؛
ڪارون، ماڙيون، نوٽَ.

ڪُرسيءَ ڪي آ مانُ ،
چرين اڳيان ڏسُ جهڪي ،
عاقل جو ايمانُ !

جتِ ڪِتِ پرشٽاچار ،
هِڏجي ڏنڪي چوٽ تي ؛
چُلل نہ پڻ سرڪارِ.

ننڍ ڪري جي عوام ،
نيتا رهندا موج ۾ ،
بگڙي جو نہ نِظام !

شهڻو نرُ يا نارِ ؟
مردُ تہ سادو ئي ڀلو ،
نارِ ڪبي سينگار !

تخت رهيو نا تاجُ ،
تڏهن بہ منهنجي سنڌ ڪي ؛
مِليو نہ پنهنجو راجُ .

ڪوڙا ڪپلي، ڪنس،
ڪُڏا ڪارا، وِيا وڏي.
پرَ ڪونہ مِلن ٿا هنس.

سڀَ شئہ جي آ ڪوٽِ ،
هِڏون بهانا هرِ گهڙيءِ ؛
اَگهہ تہ وڏن پيا چوٽِ !

جن ڪي پيارو ساهُ ،
لهرن جي لُڙَ ڪان ڏڪي ؛
گِهڙندو ڪيئن ڏرياهُ ؟

نيتائن جي چونڊ ،
آهي مشڪل ڪم اِهو ؛
سڀَ جي ڪنڌ ۾ ڦونڊِ !

ڪيرُ هِڏي فرياد ؟
چورَ ٻٽيا چاڪي جڏهن ،
مِلندو ڪهڙو داد ؟!

اَڄ ڪلهہ جا ڏسُ ٻارَ ،
رَتُ سَتُ جنِ مائٽن ڏنو ؛
تن ڪي سمجهن بارُ !

هرڪو پنهنجي آسَ ،
پوري چاهي ٿو ڪرڻ ،
ڪائي هٿي جو ماسُ !

رهڻ ڏي دل ۾ رازُ .
ديس ۾ دشمن وِيا وَڌي ،
ڳولهي ڪڻ همراز !

ماڻهن رهيو نہ ميٺُ ،
ڪاري ڏن جي زور تي ؛
هرڪو سڏائي سيٺ.

سَچڻ اُتي تون ويهہ ،
مَنَ کي جِتِ راحت مِلي !
وَنڊِ وراھ سَنيهہُ !!

نار گٽن جي ڪاڻِ ،
قدر ڪندو ڪو جوهري ،
ڪنهن ڪنهن هوندي جاڻَ.

ساڙُ ، حسد ۽ ويرُ ،
”جيون“ دُشمن جانِ جا ،
مَنَ مان ڪَڍُ تون غيرُ.

محفل لڳندو رَنگُ ،
”جيون“ جِتِ گياني هجن ،
ڪرو تنين جو سنگُ.

کهڙي ڪم جو سنگ !
ڪوتا جو اُپديش ڏي !
چَڙهي بديءَ جو رَنگُ !!

ڪَرِ نہ ڪلا تي نازُ ،
رِيڌو رَهُ تون رنگ ۾ ،
پالهي وَڃندو سازُ !

نَرُ هجي يا نارِ ،
ساٿ بِنا هيءَ زندگي
ٻڻجي پوندي بارُ !

ماتا جو پڌُ نارِ
پالي اوڇو مانُ ٿي ،
ڳُلن سَجيل جيئن ڏارِ !

مَنَ جو نرمل پارُ ،
جيئي وَٽُ سَدِ پاڙ سان ،
”جيون“ پوٽر پيارُ.

ظالم ڪر نه غرور ،
حڪم نه هلندءِ عُمر ڀر ؛
ڏاڍ جو ڇڏ دستور.
ڪهڙي ڪم جو ڪيانُ ،
سڀ جي ٻوڙا جِتِ هجن ؛
وقت جو ٿيندو زيانُ.

ڪٿي نه آهه قرار ،
پَدَ ۽ ڪرسيءَ واسطي ؛
جت ڪٽ ڏِسُ تڪرار ،
ٻلڪي پيو ٿو روح ،
جنين شهادت هئي ڏني ؛
روشن ڏنو نه صُبوح.

سچو نه ڪوئي يارُ
بِنِ مطلب جي ڪو ڪري ؛
ڪين ٿو ڪنهنکي پيار.
اَزل کان ”جيون“ پياسَ ،
آزاد پنڇي شل ٻٽان ؛
اَچا اَڏوري آسَ.

لوڀي من کي جامُ ،
ڪپي سدائين بي وَجهه ؛
چاهي ٿئي بدنام.
ڪمزورن تي وارَ ،
روز رهزن جا ٿين ،
هيءَ ڪهڙي سرڪار ؟

ڪيڏا ڦاهي ڦاهه ،
شڪ لئه شهٽا منش ٿو ،
لوڀ جو ڪاڙو ناهه.
رام - راڄ جو خواب ،
مليءَ ملايا رهبرن ؛
هرڪو بڻيو نواب !

لوڀي مَنَ جو چاهه ،
ٻري ڇلانگون ٿو وَڏيون ؛
وَسَ ۾ اَچڻ جو ناهه !
ٻوڙن اَڳيان رَباب ،
اَهڙو آهي جيئڻ هجي ؛
اَنڌڙن لاءِ شباب !

دِلِ لي رَکُ نہ مَلالُ ،
سوچي سمجهي صبر سان ؛
''جيون'' ڪَرِ خوشحال.

ڪَرِ نہ ڪڏهن تون عارُ ،
ڀهرَ اَليئي رَهڻ سِکڻ ؛
ڳُڻ ڳِرهڻ لئہ تيار.

رَکُ نا ڪنهن سان ويرُ
سُوارٿ ڪي وجهہ باهہ ۾ ؛
ناهي ، تو - مون ڦيرُ.

ڪنهن سان رَکُ نہ ويرُ ،
مِلو مِلي ڦلُ پيار جو ؛
جو نہ ٿيوي ٿيءِ دير.

جنگ نہ ڪنهن سان جوٽِ ،
وَڏ لڙائي واسطي ؛
پنهنجي ڪَڏ نا ڪوٽِ.

جي تو ناهي ڄاڻَ ،
بهتر آ چُپ ۾ رَهڻ ؛
جيسين لڳي پڇاڻَ.

ناريءَ جو اَپمانُ ،
جيڪو اِنسان ٿو ڪري ؛
سَچُ پچُ آ حيوانُ.

پريت اُنهن سان لاءِ ،
ويسَهہ جن جي دِلِ مڃي ؛
سَڏي ڏين تو جاءِ.

جيئن جيئن لئي وِستارُ ،
تيئن تيئن پوندو بارُ وَڌِ ؛
ٿوگهيندو نَرُ نارِ.

نَيتِ سچي رَکُ نيتِ ،
رانديگر تون راند ۾ ؛
هارِ لئي يا جيتِ.

اَمن جي خاطر جنگ ،
آهہ نہ سياڻپ جو قدم ؛
تباهہ ڪي ڪر ٻنگ.

مَنُ جي ناهي صافُ ،
لالچ جن جي پيٽ ۾ ؛
ڪينِ مِلي اِنصافُ.

هٿَ تي چڙهيل ٻارُ
مارِ نہ ماٺا ٿنهنکي ،
پيار سان ڪيس سڏارِ.

ڪمڙو شڪُ پرديس ،
ڏنَ لئہِ ڳهوريو آ جنين ؛
ملڙو پنهنجو ديس.

ڪڄ نہ سڄڻ اَحسانُ ،
پَل پَل ملندءِ ميهڻا ؛
لِپَ لِپَ تي اَيمانُ.

ٻرَ ڏي ڪين نهارِ ،
محنت ۾ وشواس رَکُ ؛
پنهنجي ٻازن ٻاڙِ.

مَنَ ۾ رَکُ وشواسُ ،
رَهُ ڪندو نشڪل ڪرم ؛
پوري ٿيندءِ آسَ ،

مَنَ ۾ تَڙَڦ اُڪير ،
بندَ بنديالي ڪَٽِ اَلله ؛
موٽان مُلڪ مَلير !

من کي ناهِ قرار ،
جيسين نفرت نا مٽي ؛
مولي اَڄُ تون يار .

ٻار نہ مُنهن جو وارُ ،
چرتر اُنجو هٽ ڪجي ؛
"جيون" خوب سنوارِ.

سنڌيءَ جو آن ٻارُ ،
سنڌي ٻولي ماءُ جي ؛ .
هرگز ڪين وِسار.

دَردُ ، دَردَ سان ڀيٽ ،
سيکو ڏسجي پيو ڏُکي ؛
ڪِٿِ بهار ڪِٿِ چيٽُ.

چوڌر ٻڌجي شور ،
ڪِنِ وَٽِ مال سَڙن پيا ،
ڪِنِ وَٽِ ناهي ڀور .

خيالن جا تڪرار ،
آهِ نشاني وَڏن جي ؛
ڳڏجي مُسجي گهار.

ڏسي لڙهن لڙ جيءُ ،
جيئن پروسو ناهه ڪو ؛
ڪوسو سهي نه سيءُ .
وَنءِ وِرهائج جانِ ،
عِلم لڪائڻ نا چڱو ؛
ڪٽي نه ويندين ساڻُ !

کهڙي ڪم جو دانُ ،
جاءِ اَهم ڪي جو ڏئي ؛
ڳالهه اِها اِيمانُ .
پهچي ويندين ماڳ ،
هلندو رَهُه نون راهه تان ؛
ننڊ نه ڪر ، پرَ جاڳ !

ڪيڏا رَکين وِقار ،
پيٽَ کُٽي جي واسطي ؛
ڪڍهن نه من ڪي اُجارِ .
وَٺي لڙ مَنَ ڪي راڳ ،
ناخوش پڻ خوش ٿي وڃن ؛
بيهوش ٿيين سُجاڳ !

مَنَ ۾ رُکُ نه وِقار ،
کَٽي ها ويندين پاڻ سان ؟
سڀ ڪي سِکَ ڏي پيار .
ماضيءَ ڪي نه وِسار ،
اڏڻاين جو تياڳُ ڪَرِ ؛
پنهنجو حال سُڌار !

ڪنهن سان ڪجي نه پيارُ ،
هڙ جي ڪَرين صبرُ ڪَرِ ؛
ڪنهن سان ڪَرِ نَ هچارُ .
منهنجو سَدورو پيرُ ،
شال مِلائي سَڀُ سَنڌا ؛
گهلجي وهچو ويرُ .

نَڙ بِن نارِ پڌر ،
وَلت اَڪيلو ڪيئن ڪَٽي ؟
مشڪل آهه گُذرُ .
هئي ڪي ڏي نه مَيارَ ،
تاڙي هِڪَ هٿ نا وَڃي ؛
سوچ ، سمجهه ، وِچارِ .

سَڪل اُهو ئي داڻُ ،
سوارٿ کان خالي هجي ،
ڦهري نہ موٽ ۾ مانُ.

جوڀن ڏينهڙا چارِ ،
بانور ڪَرِ نا ايترو ؟
ايڏو ڪَرِ نہ سينگارُ !

ٻرَ ناريءَ سان پيارُ ،
مَنشُ ڪري برباد ٿو ،
جِتِ ڪِٿِ ليندو خُوار .

بيحدِ آهہ غريب ،
ڀارت پنهنجو ديس ڏسُ ؛
اُنسان ڪَرِ نہ فريب !

پيار سان وَسِ ڪَرِ نارِ ،
جوڙي ناتو نيهن جو ،
هِنيون نارِ جو لارِ.

ڪَرِ نہ ڀروسو مينهن ،
بڇت ڪندو رهہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ،
سدا نہ ساڱيا ڏينهن !

آهين هردم [illegible] ،
آکين جو تون نورُ آن ،
سَدا رهين ڦَلَ شادِ .

نوُر بِنا سڀُ ڪوُڙ ،
ڪَرِ نہ ٻرائي نوُر سان ،
چَرتر لڳاءِ نہ ڏوڙ ؛

قدر نہ جِتِ سوُمانَ ،
تِنِ سان ڪهڙو سنگ ڪجي ؟
مَتان ڦيئہ اَپمانُ !

ڪلندو ڪِنَ لئہ پاپُ ،
عُمر سڄي پڇتائبو ،
لِپَ لِپَ ٿي سنتاپُ !

ماتا جو اَحسانُ ،
رهيڪو ساري زندگي ،
ڪر نہ سندس اَپمانُ .

اُپ ۾ مڙيا ميگهہ ،
هينئڙو تڙڦي تو مِلڻ ،
آءِ اَچ ساجن سيگهہ.

نالو ڪُسنگ نہ جوڙِ ،
ڪوڙَ کي پهتي ڪينَ ڏي ،
سَچَ کان مُنهن نا موڙِ .

هٺي جو ٿُهڙ نا ٻاهِ ،
ڪُبڌا مَنَ ۾ ڪين رَکُ ،
ٻالَ ڏَلل کي لاهِ .

جي نہ پلي همراهه ،
ٽَرسُ نہ ڪنهن لئہ راهہ ۾ ،
ٻالُ ۾ رَکُ ويساهہ !

پنهنجي وَسِ رَکُ ڪامُ ،
ٻهڙين نارين سَنگ ۾ ،
نانءُ نہ ڪر بدنام .

ڪيي نہ پُهت پناهہ ،
پنهنجو هڪ ئي آسرو ،
سائينءَ جو دَرُ آهہ !

مالڙهاها گيانُ ،
پوِتر اهڙو آهِ جيئن ،
گنگا ۔ جل اِشنان .

صبر ۽ ڌيرج ڌرِ ،
سوچي سَمجهي کڻ قدم ،
نشچو پختو ڪَرِ .

سُستي ڇَڏِ ڪَر اُدم ،
ڦلُ مالڪ تي ڏي ڇڏي ،
ڪڏهن نہ ملندءِ غم .

جَڳُ جوي پرَ تون نہ ڇَڏُ ،
تنهنجا ڳُل بہ خار لڳن ،
هين کان ناهي پڳُہ .

ڪنڌ ۾ ڪِلي غرور ،
صدق سچو جنهن دِلِ نہ آ ،
خالق ملي نہ مؤر .

رکي جو گياني ڌيان ،
جڳ ساري ڪلياڻ جو ،
سلال آ تنهنجو گيانُ .

ڪر نہ سچڻ مجبور ،
ڪَٽِ نہ پکيءَ جا پرَ اَدا ،
ڳُٽُ نہ ٻچيءَ منظور .

ڳنڍيون ۾ ڏينهن راتِ ،
جهوريِن ڇا لئہ جلدڙي ؟
اَهنجن کي ڪَرِ ماتِ.

جنجو مَنُ آ صافُ ،
ڪُهڏا رکن نہ ويرُ ڪو ،
ٻلِ ڪو ٻولي خلاف.

گوندر منجهہ گُذارِ ،
ٻني جي مَحلن کي ڏسي ،
هنيون نہ پنهنجو هارِ.

آگر ٻڪڙ نہ لنگَ ،
ڪنهنکي ڏي نہ ميار ،
ڪر نہ ڪڏن جو سنگ !

ملي نہ جنهن وَٽ مانُ ،
تنهن وٽ پيرو ڪيِن ڪَرِ ،
سَهُہ نہ ڪڏهن اَپمانُ !

ڪنهنکي هٿَ نا جوڙِ ،
سوَارٿ خاطر ڪين جُهڪ ،
پنهنجو نانءُ نہ ٻوڙِ.

جيسين آهِن پراڻَ ،
دُشمن جي هر چال جي ،
رکندو رهندس جاڻَ.

ٻرَ جي ڪَرِ نہ ٻچارَ ،
ڪيِرَ جو ڏوتل ڪيرُ آ ؟
پورن هڪ ڪَرِتارُ.

ٻٽُ ڏرتي گُلزار ،
جِنين ٻٽائي خون سان ،
فرض ڪرڻ سنڀارَ .

ڇا لئہ ڊِجين تو موٽ ؟
چولو ڇَڏِبو هڪ ڏينهن ،
سنگ نہ ڇڏجان هوت.

ڪَڏهن نَہ تون دِلِ لاهِ ،
جهنجو ڪوئي ناهِ ٻيو ،
سائين تِنِ همراهِ !

رکُ نہ من ۾ لوڀُ ،
وَسِ ڪَرِ ڪام ڪِروڌ پڻ ،
مِلندءِ "جيون" سوڀ.

آليندي جي ڪا سوچ ،
ها لئه آئين تون جڳت ؟
سانتِ ۽ ويهي لوچ .

سمجهه سمجهه جو ڦيرُ ،
ڪنهنکي گهر پيارو لڳي ،
ڪنهن کي ڪپي ڦو سَئُر .

پيار مان يار لهار ،
دمر ڏکوئي، ڪر صبر ؛
صبر هِئين جو لارُ .

هلجي وِهو اِقرارُ ،
ياد ڪيو ڪن اوڇتو ؛
آه اِهو اِسرار .

ڪين لڏي ڪن سارَ ،
ڪيئِي گذريون راتيون ؛
پڙ نه ڪجي دِل هارَ .

رنگُ ، نَسل ۽ جاتِ ،
ڪونه ڏِسي ڪو عشق ۾ ؛
سُڃلي سگهي نا نياتِ .

هردم باسِيان باسَ ،
سيئُهه سڄڻ سان شل ملاِن ؛
پوري ٿيندي آسَ .

تنهنجي مِلڻ جو روڳ ،
تَنَ مَنَ کي بيمارُ ڪيو ؛
تو بِن ٿيئي نه موڪُ .

ڪانڌ نه ڏي تون ڪانگ ،
ڪوئي اَڇٺو ناهِ هِتِ ؛
اُڏر ، نه هِتِ ڏي ڇانگ .

تو ۾ مُنهنجو ساهُ ،
پل پل ساجن سارِيان ؛
پڙ تون بيپرواهه !

لهرن منجهه اُڀارُ ،
ڪيِن ڪي ڏکنديس مان
سکي ؛
ساجن ملنديس پار !

وهن لا نيڻ مُدامُ ،
سک ۾ تنهنجي آئي سڄڻ ؛
لوڪ ڪرن بدنام .

سنگ ڪُسنگين ٽوڙ ،
ڪوڙ ڪپٽ کان ڀڄ پري ؛
سڄ سان ناتو جوڙ .

نفرت ڪرڙي ٻاھ ،
خاڪ مِلائي منش کي ؛
خوشيون ڪري تباھ .

سڪڙو ڪر نہ وڏاءُ ،
ٻلُ جي ڀورو ناھِ تو ؛
اَھم جو ڪَرِ نہ نَماءُ .

سڄ جو داغُ لڳاءِ ،
سؤدو سڄ جو ڪر سدا ؛
مَنَ جي راحت پاءِ .

ڦُھرج جو ڪاٺو ناھ ،
مَنُ جي وَسِ نا پانھنجي ؛
چِت کي لڳل آ چاھ .

لڳي جي ٻاھ وِساءِ ،
ڪيئن لڳي تنھن کي نہ ڏِسُ ؛
ڏوڙي نئينءَ ڏُڪاءِ .

لھيل نَہ ٿونگي ڏاھ ،
ظُلم نہ ڪر تون ايترو ؛
لڳنئي نہ ڪِنھِي آھ .

ڏُکين جو ڏُک لاھِ ،
سَڀَ کان سيوا آ وڏي ؛
وڇڙيل يار ملاءِ .

سَڀني اونا لاھ ،
موھ ۽ ممتا ڇارِ ڪَٽِ ؛
سالين ۾ رک چاھ .

گذري منش ڀلاءِ ،
حال جو دامن تون پڪڙ ؛
آئيندو پنھنجو لاھِ .

ڏُنيا ڪِين ڪَلاءِ ،
ڪرم ڪَڏا ڪنھن لئہ ڪرين؟
ڇَڏِلو سَڀُ ھِتِ آھِ .

دنيا سڀ آ ڏوڙ ،
مايا چمڪو چار ڏينھن ؛
موھ ممت سڀ ڪوڙ .

هي آ ڪهڙو ڀيدُ ،
تنهنجي محبت ڄارِ ۾ ؛
اُسان قبوليو قيدُ !
رُسي ويو ا يارُ ،
ڏسِ وِڏِ ، ڪيئن پرچايان ؟
ڦڪيس ڪري اُپچار .

تو سان مِلڻ جي آسَ
من کي بڻايو بي-چئن !
ساجن ! ڪر نہ نِراس .
عشق ٻرو آ روڳ ،
وڏي آ پيڙا پريت جِي ،
مشڪل ٿيڻ نِروڳ !

ڪِين لهين ڪا سارَ ،
ڇاٿي آهين تون رُٺل ؟
ڪَرِ نہ پيار کي خُوارُ !
ماٺ ڏئي ٿي ڏاڙُ ،
ڪيڏي نہ لاڏ ڪوڏ سان ؛
هار ٿان گهوري پاڻَ !

ڳالي رهيو آ ڪيرُ ؟
سِنڌ جا ملڙا گيت ڙي !
ڪِين پيو ڏسجي غيرُ !!
ڪهڙو ڪيو قصور !
ناتو نِباهج نينهن جو ؛
رَکُ نَا دِلِ کان دُورِ !

عشق ۾ اهڙي ريت ،
بدنام ڪري جا رَکي ؛
گهوري اهڙي پريت !
گهوٽ سگهو تون موٽ .
لاءِ نہ هيءَ سان دل ڪٺي ؛
رَکين مَتان مَنَ کوٽ !

راهون سڀ ٿيون بندِ ،
ڀڄان ڪيئن ملير مان ؛
عمر ٻڪارن رِندَ !
گوري ڪر نہ ويچار ،
آءٌ نہ پرچون پاڻ ۾ ؛
شمع پريم جي هار .

تنهنجو هي سينگار ،
ڪهڙي ڪم جو آهِ ڙي ؟
جيسين پريتم ڌار !

پڳت ڪنور منلار ،
سدا رهين تو ياد مون ؛
تو تان سڀ ٻلهار .

رهي ٿي سنڌ ۾ ماڻ ،
ڏُور ٿيو ڳٽيون ڪندي ؛
"جيون" جو نرواڻ .

تُنهنجي مست نگاهه ،
موهيو ڪيڏو خلق کي ؛
سڀ جو تو ۾ ساهه !

پَلِ پَلِ تُنهنجي تاتِ
رات وِهامي ياد ۾ ،
لُڇندي ٿي پرڀات !

اوريان ڪنهن سان يار ،
سورن سنديون ڳالهڙيون !
مُحب رهيا هُن پارِ !

ظالم جي تلوار ،
پياسي عاشق خون جي ؛
وچڙي وِيا سڀ يار !

چوڏهين جي هيءَ رات ،
دانهون پئي دِلڙي ڪري ؛
آهِ سڄڻ جي تاتِ.

ڏي ڪو ڏسُ ميهارَ ؟
تو ۾ سُهڻي ءَ جا ڏلو ؛
گهوريو هُن سنسارُ !

مونکي پياري هِندُ ،
آهِ برابر جيئڻ گهٽي ؛
گهوريان پَرَ ڪيئين سِنڌُ !

اَلا ! عجب هيءَ گهوُرَ ،
جهوري مُنهنجي جندڙي ؛
نوان ڏنائين سوُرَ !

مرضي تُنهجي يار ،
جوڙ ، توڙِ يا ناهه ڪر ،
عاشق سَڀَ لئه تيارُ !

٥- درد ڏکين جو ڪين ٿا سمجهون ،
وشيه ڀوڳ واسنا اَهميت ڏيون ؛
اَهم جي وَسِ ''جيون'' آڪڙ ۾ ،
هستي مالڪ جي ڪي ڀلايون .

٦- سنتن جو سنگ ڪر تون پيارا ،
جيڪي جڳ کان آهِن نيارا ؛
قُرب جي ڀوڻيِ رَهن ٿا پڙهندا ،
وَڄن سَدائين نينهن جا نغارا .

٧- سنتن جو آ هردو ڪومل ،
صاف سَچو من ، آهي نرمل ؛
تِنِ جي خِدمت رَهه تون سدائين ،
ملندو توکي سيوا جو ڦل .

٨- سنتن سان رَکُ دِلڙيِ ملائي ،
شڪدائڪ ڏِسُ وَڃن هنڊائي ؛
راهه جا روڙا ڦيندءِ دور ،
سنت چڙهيندءِ پارِ پهچائي .

٩- پاپن جي هيءَ آهي نگري ،
اَصلي نگري منش کان وِسري ؛
پرم -پِتا کي ياد سَدا ڪَرِ ،
عمر سموري وئي ٿي گذري .

چوپايون

١- ستگر پنهنجي مهر ديا ڪَرِ ،
ٻيار سندو هٿ داسَ اُتي ڌر؛
من کي موھ کان ڏي ڇُٽڪارو،
هن ئي جنم ۾ پهچان نج-گهر.

٢- پنجن تَتن جو لهيل شَرير ،
بنا آتما آ سدا فقير ؛
ڪوڏيءَ جو مُلهہ آهي اِنجو ،
هڪ مالڪ ئي آھ اَمير.

٣- ٻنڌن پريو ڇَڏِ تون توڙي ،
ٻچن شُمرن سان رک تون جوڙي؛
ليکو ڪرمن جو ڪَرِ پورو ،
هن جَنم ۾ ڇَڏِ ٻنِ ٻوڙي.

موھ ۽ مايا جا سڀ ٻنڌن ،
اَهنڪار سان گڏ وڌندا رَهن ؛
جيوَ جا ويري جيوَ ڏِسون ٿا،
هيءَ ڪهڙي مايا آ ٻڳون ؟!

١٥- ڏُکي سَچو سنسارُ پيو ڏسجي ،
ڪنهنجي ڪنهنجي هِتِ چنتا ڪجي ؟
مالڪ جلدي وَٺُ اوتار ،
جڳ جو ڏُک ۽ پيڙا گهٽبي ·

١٦- ستگر مهر جو هٿُ رَکُ مونتي ،
آھ ڀروسو مُنهنجو توتي ؛
آن ڏٻل ۽ هيڻو آهيان ،
تو بِن ٻئي نَہ ڀروسو ڪَنهن تي ·

١٧- مالڪ مهر دَيا ڪَر مؤنتي ،
من ڪر اُڄل ، پوِتر دِلِ ڏي ؛
تُنهنجي پيار ۾ رَتل رهان مان ،
مَنُ وِچلت ٿِل ڪڏهن نہ ٿي ·

١٨- هي جڳ سارو آھ تماشو ،
ڪير ۾ کنڊ يا وجهو پتاشو ؛
ڇَڪي جي هِتِ ڪمي نہ آهي ،
چنچل من هردم چاهي شو !

١٩- هردم سائين آهين ساڻُ ،
مان ٻرهل ، مورک اَجاڻُ ؛
آگر ٻڪڙي ٻارِ ٻچاءِ ،
ٻلڪيل کي دڳ لاءِ شڄاڻ !

١٠- جوڙ پريم جو سڀ سان ناتو ،
موهه جو ڪولِ نہ ڪنهن سان ڪاتو ؛
وهنوار ۾ رَهہ سڀ سانُ سَچو ،
سُکي اُهو جنهن پاڻَ سُڃاتو .

١١- جڳ ۾ جي تو جيئڻو آهي ،
موهه جڳت سان رکڻو ناهي ؛
رب جي ڀاڻي تي رَهہ راضي ،
ڏيندو اُهو ئي جو هو چاهي .

١١- جڳ مان سُک جي آس نہ رک تون ،
پرڀو پيار جي ماکي چک تون ؛
اَمن چئن هت اَچڻو ناهي ،
سانت ۾ ويهي جَپجہ اَلک تون .

١٣- پريم جي جوتِ اَنوکي آهي ،
ذات - پات جو ڀيد مِٽائي ؛
رنگ روپ پل کهڙو بہ هجي ؛
اِنسانيت جو سبق سِکائي.

١٣- پريم جو پيالو جيڪو پيئندو ،
فقط نام جي مستيءَ رَهندو ؛
مِلجي ليکا سرحد ويندا ،
جنهن ۾ تنهن ۾ آتم ڀسندو .

٢٥- جتِ ڪِتِ آهي تنهنجو واسو ،
هر هنڌ ٿي آ تنهنجو هاڃو ؛
اندرين جي وَسِ ٿي ويو مَنُ ،
مورک من وشين ۾ ڦاٿو ؛

٢٦- گورک ڏنڌن آهي جَڪڙيو ،
موه ۽ ممتا مَنَ کي وڪڙيو ،
دانا سمجهه سچي ڏي مونکي ،
مون آ تنهنجو دامن پڪڙيو .

٢٧- ڪوئي سنگ نہ هلڻو آهي ،
ڪوڙو سنگ مَنُ چو ڻو چاهي ؟
هلڪي هِت هت ، لِکي نہ هِڪَ هنڌِ ،
چاهت جو ڪو انت نہ آهي .

٢٨- پريو ڪان وڇڙي جڳ ۾ آيسُ ،
مڻيا مايا ۾ مان ڦاٿس ؛
ڪوڙي جڳ کي سمجهان سچ پيو ،
سچ جي راهِ ڀلائي ويٺس .

٢٩- ريتِنِ رسمن غلام آهيون ،
ڪرم - ڪانڊ جي جار وِڇايون ؛
سنتن جي وچنن کي سولو ،
ڪين مڃون ٿا ، ڪين هنڊايون .

٢٠- تون ئي سائين آهين ڪامل ،
مان مورک ، ڪاهل ۽ جاهل ؛
عيب نہ مون ۾ آهن ڪيئي ،
مَنُ اِندرين جي وَسِ پئجي ويل ۔

٢١- سڀني ڌرمن جو هڪ سارُ ،
هڪ ئي خالق جو ڪر ويچارُ ؛
سڀ ۾ هڪ ئي روح رَمي ٿو ،
سڀ سان رک ملڻ ۽ ٿون پيار ۔

٢٢- وئرڻ مون آ وقت وِڃايو ،
ڪوڙِي جڳ سان سنگ رَچايو ؛
هاڻ تہ مالڪ مهر ديا سان ،
ٻڏل داس جو بيڙو تاريو ۔

٢٣- هر هنڌ تُنهنجو جلوو پسان ٿو ،
چنڊ ، سج ، تارن روشن چمڪو ؛
"جيون" جوت سڀن ۾ وياپڪ ،
سائين مِٽاءِ من مان اَنڌارو ۔

٢٤- ستگر روشن راھ ڏيکاءِ ،
من کي مايا ۾ نہ ڦاساءِ ؛
جنم - مرڻ جو ڪَٽ تون ڦيرو ،
پنهنجي چرنن ۾ ڏي جاءِ ۔

٢٥- پنهنجي پنهنجي رِيتيُنِ رسمن ،
مورک منش کي ڀيا ڦاسائن ؛
سنتن جي أصلي ٻولن کي ،
پنهنجي سُوارٿ لئہ بدلائن .

٢٦- لين ديالو سنت سدائين ،
ڇو نہَ أنهن سان چتُ تو لائين ؛
شرن تنين جي چرنن ''جيون''
ڇو نہ تو چنتا-آگِ ٻجهائين .

٢٧- منزل جو رک ڌيان سدا تون ،
پالينديِن هڪ ڏينهن خُدا تون ؛
سانتيکي ٿي ويل آ بهتر ،
پريوءَ جو کَرِ پڇن أدا تون .

٢٨- مَنُ إندرين جي وَس ۾ آهي ،
ڀوڳ - وِاس ۾ پيو ڀلڪائي ؛
مايءَ جي مک جيئن ڦاسي ٿي ،
ٺڳ ٺڳ إنسان جڏي گنوائي .

٢٩- واٽ آٽانگي اوُکي آهي ،
هيٺ مٿاهين ، سڌِي بہ ناهي ؛
هجي جڏهن ڏِسُ واٽ سٽائو ،
منزل ڏي پئہ ملڙا کاهي .

٢٠- پهرَ اَليئي پيٽ جي چنتا ،
پاپ ڪرمِ جا ڏسجن رستا ؛
چولو چِڪَ ۾ ميرو سدائين ،
سري ويئي پرم آتما .

٢١- پريو تنهنجون ڪيئي ٻاليون ،
مون ۾ آهن ڪيئي منداڻيون ؛
"جيون" جا ڍڪ عيب تون سائين ،
پاپ مٽائي ڪر تون چڱايون .

٢٢- سنتن کي تا خوب ستايون ،
ڪين تا ڪيئي ڪشٽ پهچايون ؛
صليب تي عيسيٰ کي چاڙهي ،
خوشي ٿي ڪيڏيون ڪَڇيون هنيائون !

٢٣- وشال دل ڏي مونکي داتا ،
سڀ جو آهين ماتا ۽ پتا ؛
جا لئه ڪنهن کان نفرت ڪريون ،
آهيون هڪهِئي جا ٿي ڀراتا .

٢٤- پنڊت، پيرَ، فقير ۽ ٻاوا ،
ڦري اُهوجهن ، لين تا ساوا ؛
پريوءَ جي ناليءَ ۾ ڪيڏا ،
پيڙا برفيون کائن ميوا .

٤٥- پوڄا ۽ سمرن ساڻ تون مَنَ کي ،
پوتر ڪَر تون ساري تَنَ کي ؛
شبد ڏئي ۽ سان ، مَنَ جو ناتو ،
جوڙ ، تون ڇَڏِ پوڳ وِلاسن کي .

٤٦- ستگر ، سائين ساڻِ ملائج ،
اَندي من ني راهِ ڏيکارج ؛
پنر ملن لئہ ملي تو ستگر ،
سائين مهر جو مينهن وَسائج .

٤٧- بندي جي وَسِ ڪجهہ بہ ناهي ،
پاڻهي ناهڻ وارو ناهي ؛
جتي ويهاري واه واه ڪَر تون ،
صبر شڪر ڪر جئن هو هلائي .

٤٨- موه ۽ ممتا ، پوڳ تِرشنا ،
من کي ڀٽڪائي پئي چاهنا ؛
بندا شمرن ساڻ ڇڏائج ،
من چاهي تو جپہَ جي رسنا .

٤٩- شمرن ساڻُ ملي شڪـُ مَنَ کي،
شبد ڏئي ۽ سان موهج هُنَ کي ؛
پوِتر ٿيندو آهِ جڏهن مَنُ ،
لاڏي ڇڏيندو جڳ چنتن کي .

٤٠- ڀوڳ ولاس جو رهه نا ڀاندي ،
رحمت ليندا تہ مالڪ ليندي ؛
ڪر تون همٿ سان مات مُصيبت ،
ڪين ملا ڪَر دل تون ماندي !

٤١- ڀاؤ سَچي سان ڪَر تون سُمرن ،
پرم پتا سان لائج چتُ مَنُ ؛
وشيہ وڪار تہ ڀٽڪائيندا ،
وس ۾ رک پنهنجي اَندرين .

٤٢- شبد ڏني ۽ سان رک مَنُ جوڙي ،
موهہ ممت جَڏِ ناتو توڙي ؛
جڳ ۾ سڀ کان رَهہ تون نرالو ،
اَهم ، وَڏائي ، نفرت ڀوڙي .

٤٣- ڏک ۾ ياد ڪرين تو اَلک کي،
مورک سُک ۾ ڇڏين وِساري ؛
جنهن مالڪ تو ڏنو آ سڀ ڪُجهہ ،
”جيون“ ڪيئن تو ڇڏين ڀلائي ؟

٤٤- ڀوڳ وِلاس ۽ ڏهہ ئي اِندرين ،
من هڪڙي کي ويڙهي ويٺون ؛
خواهش کي ڪر ترڪ تون پيارا ،
من کي موهہ کان ڇٽڪارو ڏيون .

٥٥- نام سان جوڙي ڏس تون مَنَ کي ،
پار ٻڌائيءِ ، آتم - ڌن کي ؛
شِو - نيترَ ۾ سانڍ ٻنهي کي ؛
شبد ڏني ۾ ٻوڙج تِن کي ٠

٥٦- نامَ ڏئي سان ريهجائيءِ مُنُ ،
کيس جدا رک ، دشمن اِندرين ؛
ٻهچائيءِ ترِڪلي ڏام ۾ ،
حاصل ''جيون'' لئي آتم - ڌُنُ ٠

٥٧- ٻچن ٻاوَ سان آنند پاءِ ،
سمرن سان ست وچن هنڊاءِ ؛
پريوءَ کي ڪر ياد سدائين ،
اَهر - ٻاوَ کي مَنَ مان ملاءِ ٠

٥٨- ٻرم آتما سان رک تون پيارُ ،
من جي چنچلتا کي مار ؛
راضي رھ تون ، رب جو ڏي ٿو ،
ڪنهن سان ڪَرِ نہ ڪڏهن تڪرار ٠

٥٩- ڪورٻنڙي جيئن ٻنهنجي لئہ پيو ،
جار اُلين وشيہ - وڪارن جو ؛
جنم مِرتُ جي چڪر ۾ ڦاسين ،
ڪرم ڪُڏن سان دل لاَئين ٿو ٠

٥٠- سائين ستگر ساڻ ملائج ،
من مان اونده جلد مٽائج ؛
من ۾ گيان جي گنگا وهائي ،
سچي ڌام جي راهه ڏيکارج .

٥١- پيار جي شڪتي ڏي تون داتا ،
هرِ پراڻيءَ سمجهان پراتا ؛
''جيون'' پيار جو پياسي آهي ،
سنت سڄڻ سان جوڙيان ناتا .

٥٢- دان ڪرين يا پڄ پڻ ڪيڏا ،
گرنٿ پڙهين پل تون جيڏا ؛
من آ چنچل ، ڪين اَچي وس ،
جيوَ نچائي ، ڏي ٿو لوڏا !

٥٣- ڪرم سٺا ڪر ، عقل هلائج ،
ٻڌي دليلن ساڻ مڃائج ؛
مَنَ کي شبد سان جلدي جوڙ ،
وقت اَجايو ڪين وڃائج .

٥٤- وشيه - وڪارن جو من سائي ،
ڀوڳ ولاس سان ، آ دل لائي ؛
اندرين جو هو آهه غلام ،
آتما جو آ دشمن گهائي .

٦٥- مايا من کي ڀنڀلائي ٿي،
ڀوڳ ولاسَ ۾ ڦاسائي ٿي؛
ڪوڙا رشتا ناتا جوڙي،
''جيون'' موھہ ۾ اَلڪائي ٿي.

٦٦- آئين ھن جڳ منجھہ اَڪيلو،
ڪيڏو جھنجھٽ وِجھين ٿو رولو؛
''جيون'' جن لئہ پاپُ ڪمائين،
ساٿ نہ ڏيندءِ ڪوئي ڇيلو!

٦٧- ڪولن ڪرمن ڀوڳڻ خاطر،
جنم مِلئہ ٿو جڳ ۾ وَرِ وَرِ؛
''جيون'' ملڙا ڇو نہ ٿو سوچين؟
ڇَڏ ! ڀاڀن ساڻُ نہ جھولي ڀرِ.

☆☆☆

٦٠- پنهنجي سک جي لاءِ جُلايا ،
ڪيڏا آهن مال مليدا ؛
سنگ نہ هلندا سيئي تو سان ،
رهجي سڀ هتڙي ئي ويندا .

٦١- وشيہ ڀوڳ ۾ من اُلڪيل آ ،
چت آ چنچل ، مَن ڀلڪيل آ ؛
ايڪاگر ڪَر منُ شِو نيتر ۾ ،
جوڙ آتما جو اُن سان رچيل آ .

٦٢- شِو - نيتر مان پوءِ آتما ،
ملندي پاڻ وچي پرماتما ؛
جنم مرڻ کان ملنديءِ مڪتي ،
"جيون" پوري ٿيندي ياترا .

٦٣- هي مَنَ ڪَرڪا ، سَچ جي ڪمائي ،
ڪوڙ ڪپٽ ۾ عمر گنوائي ؛
وِشيہ وڪارن پاڻ بچائج ،
اِن ۾ "جيون" آهہ ڀلائي .

٦٤- جڳ ۾ ڪال وِڇائي جارِ ،
من کي بڌائي تو هوشيار ؛
چنچل مَنُ آ اِندرين جي وَس ،
"جيون" ڦهلائي وِڇارُ .

ڀڄن (۲) راڳ : تلنگ

آئس تنهنجي در تي سائين ،
مهر جو ڇل توں مينهن وسائين :

۱- چادر منهنجي آهي ميري ،
ڏيهه آ نسونت رڪ جي ڍيري :
لک لک مالڪ ٿورا تنهنجا ،
بيڙا پار ٻنين جي لائين. آئس....

۲- اَنڌي جي تون آهين لاٺي ،
پڳون پلڪيل جو تون ساٿي :
راهه صحيح مان ڪين سڄاڻا ،
وسِ آ تنهنجي جيئن تون هلائين. آئس....

۳- موهه ممتا جي ملڙي مالڪي ،
مورک من ويو اُن ۾ ڦاسي ،
جڳ جي ڳهڻ کان ڪيئن بچايان ؟
ٿورا مڃان جي راز ٻڌائين ! آئس....

۴- مورک آهيان عقل جو اَنڌو ،
مِلو لڳي لو گورڪ ڌنڌو ،
سائين وسِ آ سڀڪجهه تنهنجي ،
''جيون'' کي ٻوڙين يا تارين - آئس....

پڇن

(١) راڳ : ڀيروي

گروءَ جي مهما اَپرم پار ،
پاڻ اَچي پوَ - ساگر تار !

١- عيب گهٽائي مون ۾ آهن ،
وشيہ - وڪار پيا خوب ستائن :
موهہ مئيا جي ڪوڙي جار - گروءَ

٢- ڪرم ڪُڌا ڪيا جَسُ پائڻ لئہ ،
جڳ ڪوڙي ۾ شانَ جتائڻ لئہ ،
پاپَ کان مڪتي ڏي ڪرتار -گروءَ

٣- مَنش اُملهہ مون مِليو چولو ،
پرَ مون پاڻ کي ڪين سڃاتو :
وِسري وَيڙو ست ڪرتار - گروءَ

٤- اَهم وِڇايو هوش آ منهنجو ،
ستِ ڪرمن جو گيان نہ پاتو ،
هاڻِ نہ بسِ آن تون آڌار - گروءَ

٥- پريو ! پائڻ توکي چاهيان ،
اَهڙو تو وَردان گهران مان :
"جيون" مڪتي ڏي ڏاتار - گروءَ

ڀڄن (٤) راڳ : آسا

مهر ڪر، ديا ڪر، سڀاجها تون سائين،
مصيبت ۾ مالڪ، مدد ڪرِ سدائين؛

١. چڱائي، جو ڪم ڏي، سٺي صاف دل ڏي،
سمجهه ڏي تون سائين، ڏِڪاريان نه ڪنهنکي؛
مِٽي پاپَ وِيندا، ڳلي جي لڳائين. مهر ڪر......

٢. ملو سڀَ سان ٻوليان، مٺي سنڌي ٻولي،
سڳنڌي گلن سان، ڀريان سڀ جي جهولي؛
ديا جا اي ساگر، سڀ کي تو ڀائين. مهر ڪر......

٣. ڏِنگي راهه اوکي، انڌيرو مٿائي،
ڪري راهه روشن، سنئين وات لائي؛
اُڙيل ٿي مهر ڪر، مٿان تون ڀلائين. مهر ڪر......

٤. عجب تنهنجي دُنيا، عجب سڀُ نظارا،
لُڀائن ٿا دِلِ کي، لڳن ڪيڏو پيارا؛
جهان ۾ اَنوکي تو جوتي جڳائين. مهر ڪر......

٥. نه مُحتاج ''جيون'' ٿِئي هن جڳت ۾،
عمر ساري گذري، گُڻين جي سنگت ۾؛
سخاوت جا مالڪ، تو سڀ سان نڀائين. مهر ڪر....

ڀڄن (٣) راڳ ؛ مالڪونس

ڀڳون پل پل توکي ساريان ،
مَنَ پنهنجي کي ڪيئن مان ماريان ؟

١. جيئڻ مرڻ جو گيان نہ مونکي ،
ڌرم ڪرم ۾ فرق نہ ڄاڻان ؛
عيب سيئي ڍڪجاڻءَ مالڪ ،
سڀ جو خير سدائين چاهيان ؛
ڏک کي ڀي سُکُ ، سمجهي گهاريان. ڀڳون......

٢. ڪَتجي ويئي ساري جواني ،
ڌاتر تنهنجي مهر ميا سان ؛
هاڻ ٻڌايو مالڪ پالڻ ،
ڏيئي سهارو سک سان ڪٽجان؟ ؛
شڪتي ڏي تون ،ڪيئن وساريان ! ڀڳون......

٣. آسَ فقط مون آهہ اِهائي ،
چرنن ۾ چتُ رهي سدائين ،
سِڪَ ڏي ٿورڙا من ۾ ڀڳتي ،
سَهَجَ جي جوتِ جڳايان سائين ،
”جيون“ تنهنجي اوٽ گذاريان ! ڀڳون......

ڇهن (٦) راڳ ۽ پيروي

ڪيئن وساريان ، ملڙي ٻولي ،
ماءُ ڏني مون ، جنهن ۾ لولي !

١. ڪمي علم جي ، ڪانهِ اَدب جي ،
سنڌي جيوت ، جنهن ۾ پسان ٿي ؛
لکڻ پڙهڻ ۾ آهي سؤلي - ڪيئن.....

٢. توسان ، هن سان ، خيال ونڊيان ٿي ،
ٻئي کي سؤلو ، سمجهي سگهان ٿي ؛
اُڏِران ٿي جيئن ، اُڏند کٽولي - ڪيئن.....

٣. دَرويشن جا وَچن پڙهان ٿي ،
ملڙا تِنِ جا گيت ٻڌان ٿي ،
ڇو ڀلايان ، ٻئي هنڌ جهولي ؟ ڪيئن.....

٤. شاهه ، سچل ، ۽ سامي جنهن ۾ ،
بيدل ، بيڪس ، بيوس تنهن ۾ ؛
روحل جي پڻ رهنديس گولي - ڪيئن.....

٥. ويسُ ڇو بدليان ، ٿڌُ ڇو ڪَليان ؟
"جيون" ڇو مان ، شانُ گهٽايان ؟
جنهنجي صورت ، ڀالي ڀولي ! ڪيئن.....

ڀڄن (۵) راڳ : ڀوپالي

ڳُروءَ جي ڪرپا شل ٿئي مونتي،
داتا ! سمجھ سچي ڏي مونکي !

۱- دَرَ دَرَ ڀٽڪي ماءُ-پيءُ وَرتو،
پَرَ مون تِنِ جو قدر نہ جاتو،
ماءُ جي کير جي ڄڏيم لڄائي. ڳروءَ ......

۲- ڏيئي سھارو مونکي بچايو،
سُورَ سَوَن سان پاليو پوسيو؛
پالَ ڀلايون ڄڏيم ڀلائي. ڳروءَ ......

۳- ڳُروالي‌ءَ جي امرت وَرکا،
پَل پَل مونتي، ڪئي ھئي ماتا؛
مايا موھ ڄڏيو ڀرمائي. ڳروءَ .....

۴- نشي پتي ۽ ٻري ڪرم ۾،
ڪوڙي ڏنڌن ۽ ڪُڪرم ۾؛
ھاڻِ تہ منھنجو مَنُ پڇتائي. ڳروءَ ......

۵- ڀڳون ! عرض ڪريٿو ''جيون''،
داتا ! راھ سچي ڏسِ ھن مَن؛
مَنَ مان ڄڏ انڌڪار مِٽائي. ڳروءَ .....

پنجن (٨) راڳ : درباري

سنڌوءَ جي ڪناري ، سنڌوءَ جي ڪناري ،
سڏي ڪير پيو ٿو ، پڪاري پڪاري !
ملا آهي ! سڄڻ آهي ! اچي مل تون مونسان
سنڌوءَ جي ڪناري

١- هوا ڪيڏي معتر، ملو جل آ پوتر ،
مشڪ سان پنهنجي ، پئي دل ٺاري !
سڏي ڪيرُ !

٢- ڪريان ياد نِتِ پيو ، اکيان تو نمان ٿو ،
نہ پل ڀي مان هڪڙو ، ڇڏيو تو وساري
سڏي ڪيرُ !

٣- ڀلا تنهنجا مانا ، ڪيئن مان ڀلايان ؟
ڏناءِ ملڙي لولي ، هندوري سماري .
سڏي ڪيرُ ؟

٤- ازل کان ڳنڍيل آ جو ناتو آ تو سان ،
ڏنئہ پيارُ ڪيڏو ، مون گوديءَ ويهاري ،
سڏي ڪيرُ !

٥- قرض تنهنجو "جيون" عمر ڀر نہ لهندو ،
نہل تي ديا ڪر ، مهر مان نهاري.
سڏي ڪير ؟

پڃن (٧) راڳ پيروي

سنڌيءَ جو شانُ اوچو ، اڳتي اڳان به ٿيندو ،
دِلِ لاهه نه ڪانه دلبر ، سو وقت جلد ايندو ؛

١- جِتِ ڪِٿِ آ تُنهنجو واسو ، هند سنڌ ۾ تنهنجو ڏاڪو،
پرديس ۾ سچن پڻ ، نيڪي ۽ نانءُ تُنهنجو ؛
جي قرب ڏيندين هٿي ڪي ، خوش ٿي گلي سان لڳندو-
سنڌيءَ جو شان......

٢- جهوني سَپيه سيتا ، ويدن جي والي تُنهنجي ،
ڇا لاءِ تو ڀُلائين ، ٻولي اَباڻي پنهنجي ؟
ڌرتي ۽ ڳانءُ پنهنجو ، سيڪي سُلو ٿي سُهندو !
سنڌيءَ جو شان......

٣- ٻرڙُ هجي يا جَهر جهنگ ، وادي هجي پهاڙي ،
ڪيتِي ڇڏي نه هاريِ ، تو ڪيئن سنڌ وِساري ؟
هن پار ڪو سڏي تو ، آهي ملڻ لئه ماندو !
سنڌيءَ جو شان......

٤- ملڙي زبان سنڌي ، آهي پڇاڻ پنهنجي ،
ورثي مِلي جا توکي ، لهه سارَ ملڙا تنهنجي ؛
جند جان ساڻ ”جيون“ قائم سدائين رکندو !
سنڌيءَ جو شان......

پنجن (١٠) راڳڻ : آسامنڊ

اڄ لڳا هون، لال جا ميلا ،
ڳايون گيت، رسيلا، جوڳين وارا !

١- ياد آ هردم جوڳين وارو ،
جهولڻ سائين سنڌين جو پيارو ؛
ڳاجي ڳايون لال جا پنجڙا. ڳايون گيت.....

٢- جهانڪيون لال جون خوب سڄايون،
ڀڳتن کان ڀڳتيون وجهرايون ؛
چيلي-چنڊ تي، خوب نچون ٿا. ڳايون گيت.....

٣- ڪٿي نہ سنڌ مان ڪُجهہ آياسون ،
محنت سان سڀُ حاصل ڪيوسون ؛
جهولڻ رکندو سڀ جا ننگڙا . ڳايون گيت.....

٤- آئي مُند بهار سَين لئہ ،
ڳاجي چئُہ سڀُ جهولڻ جي جئہ ،
جهولڻ ڪر تون مهر جي ورکا. ڳايون گيت.....

٥- سنڌي ’سنڌيت‘ ڪين وِساريون ،
سنڌي ٻوليءَ کي نہ ڏڪاريون ؛
ٿڌهن تہ ”جيون“ لڳندا پيارا. ڳايون گيت.....

پڄن (۹) راڳ : پيروي

مسافر آ هرڪو، سدا نانهہ رَهڻو،
هٿين خالي اچڻو، ڪٿي ڪجهہ نہ وڃڻو۔

۱- نہ ڪم ايندا بنگلا، نہ موٽر، نہ ماڙي،
زمين زَرِ ۽ مِلڪيت، هتي سڀ ڪي ڇَڏِڻو۔ مسافر...

۲- نہ شيخي، نہ پيري، نہ رَهندي اَميري،
جڏهن ڪال ايندو، تڏهن پوندو هلڻو۔ مسافر...

۳- نہ حاڪم جي آڪڙ، سدا آهِ هلڻي،
ظُلم جو لحيل ڪوٽُ، هڪ ڏينهن آ ڍَهڻو۔ مسافر...

۴- بدي آهِ خواري، سچو ٻهڙو نيڪي،
ڇڻائي ڪَندو جو، اُنهيءَ ناں ڇَهڻو۔ مسافر...

۵- سمندر جي پاڻيءَ سان ڪيئي نہ ٿينديِ،
نديءَ جو ملو جلُ، سدا ڪم آ اَچڻو۔ مسافر...

۶- بِنا موهہ مَمتا، گُذر ڪرِ تون ’’جيون‘‘،
سَداچار مُحبت، اَمُلهہ موتي ٻهڙو۔ مسافر...

ڀڄن (١٢) راڳ : ڀوپالي

هري ڪرشن هري رام ،
راڌي شيام - راڌي شيام.

١- راتيان ڏينهان، آهِ زبان تي ،
شيام مُراري، تنهنجو نامُ . هري ڪرشن.....

٢- من ۾ ٻيو تون، تن ۾ ٻيو تون ،
ڪون سمجهي ٿو، ٻيو ڪو ڪام. هري ڪرشن.....

٣- ڳلي ڳليءَ ۾ ڳايان ڳُڻ مان ،
پهچي ويندس تنهنجي ڌام. هري ڪرشن.....

٤- ڪنڌ مِلي سان نام جَپيان مان ،
ناهي چئن، نڪو وِسرام. هري ڪرشن.....

٥- لوڪ مَنائن فلط جنم-ڏينُ ،
توکي مناڀان نِسِ دِنِ جام. هري ڪرشن.....

٦- شيام جي رنگ ۾ رَنگُ آ "جيون"
لوڪ ڀلي ڪَن موں بدنام. هري ڪرشن.....

ڀڄن (١١) راڳُ : پيروي

سچن سان ڪيئن رَکان ناتو،
خبر ناهي ڪِٿي آهي ؟

١- چَون ٿا ڪي، هلو ڪاشي، هلو گوڪل، هلو مٿرا،
جتي گنگا ۽ جمنا جي، پَوِترِ جل وهي ڌارا،
اُتي محبوب پڪ ملندو، منشُ هڪوار پئہ ڪاهي.
سچن سان ڪيئن.....؟

٢- چَون ٿا ڪي ، ايوڌيا ۾، وَسي ٿو رام ڀڳتن جو،
هلو هرِدُوارُ، بندرابن، اُتي ڀڳون فقط مِلندو،
الڳ پنٿن، الڳ ڀڳتن، جُدِيون راهُون، الڳ ناهي.
سچن سان ڪيئن.....؟

٣- ڪِٿي ڪَنِ جاپُ اَمبي جو، ڪٿي دُرگا ۽ سنتوشي ،
ڪِٿي لڪشمي لئي پوُڄا، ڪِٿي دُرگا مهاڪالي ؛
بڻائي بُت، الڳ چهرا، ڇَڏيو مَنَ کي آ اُلجهائي.
سچن سان ڪيئن.....؟

٤- چون ٿا ڪي ؛ وَسي دلبر، سچو خالق ٿو ڪَڻِ ڪَڻِ ۾،
اِلاهي نوُر چمڪي پيو، نظر ٿيرائي ڏِسُ مَنَ ۾ ؛
لِڪل دِلبر اندر ”جيون“، نہ توکان هوُ جُدا آهي.
سچن سان ڪيئن.....؟

ڀڄن (۱۴) راڳ : ڀيروي

توبن ساجن ڪيئن مان گهاريان ؟
راتيان ڏينهان دلبر ساريان ؛

۱- سانس ۾ آهي توکي سانڍيان ،
توبن ٻئي ڪي، ڪين ٿي چاهيان ؛
يادِ ۾ تنهنجي گيت ٽنواريان. توبن ساجن...

۲- دِلڙي توسان نيهن لڳايو ،
اکڙين تنهنجي آهِ لڳايو ؛
جلدي اَچُ تون، واٽَ نهاريان. توبن ساجن...

۳- پل پل تنهنجي ياد ستائي ،
توبن دِلِ کي ڪُجهُ نا ڀائي ؛
ڪيئن مان مِلڙيون ڳالهيون وِساريان. توبن ساجن...

۴- سائين عيبن ڀالي آهيان ،
ڊولڻ ڪيئن مان سينو ساهيان ؟
هنجڙن سِڪ ۾ تو لئه هاريان. توبن ساجن...

۵- تنهنجي پيار جي آهيان باندي ،
"جيون" تو بن دِلڙي ماندي ؛
پيار جا ھنڌن ڀالڪي پاڙيان. توبن ساجن...

پيچن (١٣) راڳُ پيروُ

رَمزُ ڏسيو ڪا سرتيون، رانوَلُ ڪيئن ريجهايان ؟
جاپ جَپيان مان ڪهڙو، پريتم ڪيئن پرچايان !

١- ڪانگل منهنجو لياهو، ساجن کي پهچائجِ ،
راتيان ڏينهان تُنهنجي، ويٺي راهه نهاريان. رَمزَ...

٢- ڪڏهن تون ايندين پريتم، ڌيرجُ ڏي کو دِل کي ،
دَرسن لئه مان دلبر، روزِ ٿي ڦاروُن پايان. رَمزَ...

٣- ڪانڌَ سڀن جا موٽِيا، خوش سڀ سرتيون ڏِسجنِ ،
تو بنِ ساجن ڪيئن مان، ڪهڙي مُنهن سينگاريان؟ رمز..

٤- ڏنَ اهڙي کي ٻنِ ڏيان، جنهن جُدا ڪيو پريتم،
ڪِبي نه موتکي ڀيو ڪُجهه، ساجن تان سڀُ گهوريان. رمز..

٥- موهيو توکي لڪشمي، ڀلجي ولين پرموهي،
تنهنجي سِڪَ ۾ سالين، ڏهه ڏهه ڳوڙها ڳاريان. رمزَ...

٦- قسم آ توکي مُنهنجو، موٽُ سگهو تون "جيون"،
ڀلج نه پنهنجو وَعِدو، دَرسُ ڪنط لي چاهيان. رمزَ...

ڀڄن (١٥) راڳ : ڀيروي

مهر ڪري اڄ جهولڻ سائين،
سڀ ڪي لالڻ پيارو آهين؛

١- چيلي چنڊ تي خوب ملهايون،
جهانڪيون تنهنجون سُهڻيون سجايون؛
آس سڀنِ جي سدا پڄائين. مهر ڪري.....

٢- آسَ رکي جي اچنِ ٿا تو دَر،
خالي جهولي اُنهن جي تون ڀرِ
تنهنجا ڀنڊارا ڀريل سدائين. مهر ڪري.....

٣- سُمت سچي ڏي، جوتين وارا،
پيارُ سڀنِ کي ڪَريون ڏُلارا؛
دَردِ وَلدنِ جا دَکڙا لاهين. مهر ڪري.....

٤- سِڀَ ڪي شَلَ هِڪَجهڙو ڀانيون،
”جيون“ سَڀَ سان ميلاپُ رَکون؛
لالڻ ڀلو تو سَڀَ جو چاهين. مهر ڪري.....



- سماپت -



ڪشور پهوجا ”جيون“

☆ جنم جي تاريخ : ۵ جنوري ۱۹۲۲

☆ جنم جي جڳهه : ڳوٺ : مؤلاداد (جيڪب آباد، سنڌ

ساهتڪ يوگدان :

☆ ”ڪمزور ڪڙيون“ (خطن ۾ ناوليٽ)

☆ ”لاڄ“ (سماجڪ ناول شرڻارٿي جيون تي)

☆ ’منهنجي ناني‘ ۽ ”فيصلو“ (٢ ٻال ڪهاڻيون مجموع

☆ ”الا منهنجي دل تي جلي“ (ريڊيو ايڪانڪيون)

☆ ”روشن مستقبل“ ”ڪروڌي“ ”پڪڙيل موتي“
۽ ”گهمنڊي“ (چار ڪهاڻين جا مجموعا)

☆ ”جيون جوت“ (غزلن جو مجموعو)

☆ ”سڀ جي جئہ“ (مهاڀارت ٻال ڪويتا ۾)

☆ ”ايوڌيا ڪانڊ“ (رامائڻ ٻال ڪويتا ۾)

☆ ”پريئ جي پار“ (گيتن جو مجموعو)

روِراج پبليڪيشن

1/145، پرتاپ نگر هائونسگ بورڊ ڪالوني،

اُديپور-001 313